# سنڌ اريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي

## سنڌ واٽر سيڪٽر امپرووومينٽ پراجيڪٽ (وسپ)

## انٽيگريٽيڊ انوائرونمينٽل اينڊ سوشل اسيسمينٽ (آءِ ايس اي اي)

**سمري رپورٽ**

**آڪٽوبر 2006ع**




ترجمو:

**انوائرونمينٽل مئنيجمينٽ يونٽ، سيڊا**

28 اي، سول لائينز حيدرآباد، سنڌ. فون 022_9200403/4

**سنڌ واٽر سيڪٽر امپروومينٽ پراجيڪٽ (وسپ)**

**انٽيگريٽيڊ انوائرونمينٽل اينڊ سوشل اسيسمينٽ (آءِ ايس اِي اَي)**

## فهرست


| نمبر شمار | موضوع | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| باب پهريون | **سنڌ ۾ آبپاشي نظام جي سڌاري جو منصوبي جو تعارف** | 1 |
| | .1 تعارف | 1 |
| | 1.1 بنيادي مسئلو | 1 |
| | 1.2 آبپاشي سيڪٽر جو پس منظر | 1 |
| | 1.3 پراجيڪٽ جا ڪمپونٽ | 2 |
| | 1.4 پراجيڪٽ جا حصا | 3 |
| | 1.5 پراجيڪٽ جا مک حصا | 3 |
| | 1.6 انٽيگريٽيڊ سوشل اينڊ انوائرونمينٽل اسيسمينٽ (ISEA) | 4 |
| | 1.7 ڪم جو معيار | 4 |
| باب ٻيو | **سماجي ۽ ماحولياتي ترقيءَ جي مربوط جائزي جي ميٿاڊلاجي ۽ فيلڊ ورڪ** | 6 |
| | .2 سماجي ۽ ماحولياتي ترقيءَ جي مربوط جائزي جي ميٿاڊلاجي ۽ فيلڊ ورڪ | 6 |
| | 2.1 پاليسين، هدايتن ۽ قانون جو ٻيهر جائزو ونڻ (پاڪستان سرڪار، سنڌ سرڪار ۽ ورلڊ بينڪ | 6 |
| | 2.2 لاڳاپيل ادارن، ٽيمن ۽ آبادگار تنظيمن جو جائزو | 6 |
| | 2.3 ايريا واٽر بورڊن جي بنيادن تي ڳوٺن ۽ آبادگار تنظيمن جي چونڊ جو معيار | 6 |
| | 2.4 گهراڻن کان پڇيل سوال نامو | 7 |
| | 2.5 اهميت جوڳيون گروپ ڪچهريون | 8 |
| | 2.5.1 متعين ڪيل گروپ | 8 |
| | 2.5.2 هر گروپ جون اهم خاصيتون | 8 |
| | 2.5.3 فوڪس گروپ ڊسڪشن/ آرگنائيزيشن | 8 |
| | 2.6 گڏجاڻيون ۽ پڙدايون | 9 |
| باب ٽيون | **ماحوليات بابت پاليسيون ۽ قانون** | 10 |
| | .3 ماحوليات بابت پاليسيون ۽ قانون | 10 |
| | 3.1 قومي ماحولياتي رهنمائي ۽ قانون، پاڪستان انوائرونمينٽل پروٽيڪشن ايڪٽ 1997ع | 10 |
| | 3.2 سنڌ وائيلڊ لائيف پروٽيڪشن آرڊيننس 1972ـ2001ع ۾ ترميم ٿيل | 10 |
| | 3.3 سنڌ واٽر مينيجمينٽ آرڊيننس 2002ع | 10 |
| | 3.4 ڪنوينشن آن ويٽلينڊ آف انٽرنيشنل امپارٽنس رامسر 1971ع | 11 |
| | 3.5 ورلڊ بينڪ جون هدايتون ۽ پاليسيون (عام لاڳو ٿيندڙ) | 11 |
| | 3.5.1 انوائرونمينٽل اسيسمينٽ | 11 |
| | 3.5.2 نيچرل هيبيٽيٽس | 11 |
| | 3.5.3 رضاڪاراڻي ٻيهر آبادڪاري | 12 |
| | 3.5.4 انٽرنيشنل واٽرويز | 12 |

| | | |
|---|---|---|
| **باب چوٿون** | **پراجيڪٽ ايريا ۾ زميني، موسمي ۽ آبپاشي نظام جون خاصيتون** | 13 |
| | 4. پراجيڪٽ ايريا ۾ زميني، موسمي ۽ آبپاشي نظام جون خاصيتون | 13 |
| | 4.1 زمين جو مٽاچرو | 13 |
| | 4.2 موسم | 13 |
| | 4.3 آبپاشي ۽ سم نالن جو نظام | 13 |
| | 4.4 جرجو پاڻي | 14 |
| | 4.5 پاڻي تائين پهچ | 14 |
| | 4.6 سم ۽ ڪلر | 15 |
| | 4.7 پاڻي ۽ فصل وارا علائقا | 15 |
| **باب پنجون** | **پاڻي جي ورهاست جو نظام ۽ ادارتي سڌارا** | 16 |
| | 5. پاڻي جي ورهاست جو نظام ۽ ادارتي سڌارا | 16 |
| | 5.1 واٽر ڪورس جي سطحن تي تنظيمون | 16 |
| | 5.2 آبادگار تنظيم (ايف او) | 17 |
| | 5.3 ايريا واٽر بورڊ (اي ڊبليو بي) | 17 |
| | 5.4 سنڌ ايريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽي (سيڊا) | 17 |
| | 5.5 واٽر الوڪيشنز ڪاميٽي | 17 |
| | 5.6 ادارتي سڌارن جي موجوده صورتحال | 17 |
| | 5.7 وسپ سان لاڳاپيل موجوده مسئلا | 18 |
| | 5.7.1 گهٽ ڄاڻ ۽ سجاڳي | 18 |
| | 5.7.2 تحفظات | 19 |
| | 5.7.3 نمائندگي | 19 |
| | 5.7.4 فارمر آرگنائيزيشن جو ڪردار ۽ اثر | 20 |
| | 5.7.5 زميندار ۽ مقعطيدارن جي وچ تعلقات | 20 |
| **باب ڇهون** | **ماحولياتي جائزي جو تت** | 21 |
| | 6. ماحولياتي جائزي جو تت | 21 |
| | 6.1 وسپ پراجيڪٽ جا اهم حصا | 21 |
| | 6.2 پراجيڪٽ جون امڪاني رڪاوٽون | 21 |
| | 6.3 تعميراتي ڪم مڪمل ٿيڻ بعد پونڌڙ اثر | 21 |
| | 6.4 تعميراتي ڪم مڪمل ٿيڻ بعد پونڌڙ اثرن جو جائزو | 22 |
| | 6.5 ماحولياتي انتظامي پلان ۽ سفارشون | 23 |
| **باب ستون** | **مقامي رهاڪو** | 26 |
| | 7 مقامي رهاڪو | 26 |
| | 7.1 جنرل پروفائيل | 26 |
| | 7.2 صلاحڪاري گڏجاڻين جا نتيجا | 26 |

| | | |
|---|---|---|
| باب اٺون | **سماجي اثر، فائدا، مسئلا ۽ تدبيرون** | 28 |
| | 8. سماجي اثر، فائدا، مسئلا ۽ تدبيرون | 28 |
| | 8.1 سماجي ۽ اقتصادي پس منظر | 28 |
| | 8.1.1 زمين تي پاڻي جي موجودگي | 28 |
| | 8.1.2 فصلن جي اپت جي ليول | 28 |
| | 8.1.3 اپت جي حد | 28 |
| | 8.1.4 غربت جون پاڙون | 29 |
| | 8.2 ادارتي مسئلا | 29 |
| | 8.2.1 آبپاشي کاتي ۾ ايندڙ ادارتي سڌارن بابت آگاهي | 29 |
| | 8.2.2 جاڻ جي ٻين تائين فراهمي | 29 |
| | 8.2.3 غير زرعي مقصدن لاءِ پاڻي استعمال ڪندڙ | 30 |
| | 8.3 مک سماجي اثر ۽ مسئلا | 30 |
| | 8.3.1 پاڻي جي موجودگي | 30 |
| | 8.3.2 ڊائريڪٽ آئوٽ ليٽس ۽ پمپ مشينن جا اثر | 30 |
| | 8.3.3 آباد گار تنظيمون | 30 |
| | 8.3.4 صحت جا عام مسئلا | 31 |
| | 8.3.5 علاج جا ڳرا خرچ | 31 |
| | 8.3.6 پيئڻ جي پاڻي جو موجوده وسيلو | 31 |
| | 8.3.7 مال جي اچ وڄ ۽ ٻيا مسئلا | 31 |
| | 8.3.8 ٻيهر آبادڪاري وارو مسئلو | 31 |
| | 8.4 سماجي مسئلن جا اثر، مرمتي ڪم، بچاءُ ۽ وڌاءُ لاءِ ڪنيل قدم ۽ ذميوار ادارا | 31 |
| | 8.5 سوشل امپيڪٽ مئنيجمينٽ فريم ورڪ | 32 |
| باب نائون | **9. نتيجا، مشورا ۽ فريم ورڪ لاڳو ڪرڻ** | 38 |
| | 9.1 نتيجا | 38 |
| | 9.2 صلاحون ۽ مشورا | 38 |
| | 9.3 عمل درآمد لاءِ تياريون | 38 |
| | 9.4 انوائرونمينٽل اسيسمينٽ، انوائرونيمنٽل مئنيجمينٽ پلان جو خرچ | 38 |
| | 9.5 ادارتي سيٽ اپ ۽ مانيٽرنگ جو بندوبست | 38 |
| | 9.6 فريم ورڪ جو عمل ۾ اچڻ | 39 |

# باب پهريون

## سنڌ ۾ آبپاشي نظام جي سڌاري جو منصوبي جو تعارف

### 1. تعارف

### 1.1 بنيادي مسئلو

سنڌو درياءَ پاڪستان جي اقتصاديات جي شهه رڳ آهي ۽ سنڌ صوبو سنڌو جي آبپاشي نظام مان سڀ کان وڌيڪ لاڀ حاصل ڪندڙ صوبو آهي. سنڌ صحرائي ۽ ميداني علائقو هجڻ سبب سنڌو درياءَ جي آبپاشي تي ڀاڙيندڙ صوبو آهي، جتي آبپاشي کانسواءِ زرعي آبادي ناممڪن نہ آهي. سڄي سنڌ اندر جر جو پاڻي اڪثر کارو آهي. ان ڪري مٺاڻري وارو پاڻي اهميت جوڳو آهي. ان ڪري ان کي سنڀالڻ جي بہ اهم ضرورت آهي. سنڌ ۾ موجود پاڻي جو وڏو حصو مختلف سببن جي ڪري ضايع ٿي وڃي ٿو، هن وقت بہ صوبي اندر زرعي مقصدن توڙي ٻين مقصدن جي ڪري صرف 35 سيڪڙو پاڻي استعمال ٿئي ٿو، باقي پاڻي ضايع ٿي وڃي ٿو. جنهن ڪري سنڌ ۾ ڪافي سماجي ۽ معاشي مسئلا پيدا ٿين ٿا. سنڌ واسين جي روزگار جو سڀ کان مک وسيلو زراعت ئي آهي، جيڪا آبپاشي تي ئي دارومدار رکي ٿي ۽ آبپاشي جو نظام اڄڪلهه سخت مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. هن وقت آبپاشي نظام ۾ پاڻي جي سيمي، سم، ڪلر، سم نيڪال جي خراب انتظامن، ڪمزور ادارن، سار سنڀال نہ هجڻ، آبياني جي گهٽ اوڳاڙي ۽ ڪمزور آبپاشي نظام ۾ آبادگارن جي شراڪت نہ هجڻ سبب سڄو نظام جڻ مفلوج بڻيل آهي. ان پس منظر ۾ سنڌ سرڪار صوبي اندر آبپاشي نظام جي بحالي لاءِ سنڌ واٽر سيڪٽر امپرووومينٽ پراجيڪٽ جي نالي سان هڪ پراجيڪٽ شروع ڪري رهي آهي، جيڪو هڪ انقلابي قدم آهي.

### 1.2 آبپاشي سيڪٽر جو پس منظر

سنڌو درياءَ جو آبپاشي نظام دنيا ۾ سڀ کان وڏو پاڻ ۾ ڳنڍيل آبپاشي جو نظام آهي. جنهن تي ٽي وڏا ڊيم، 19 بئراج، 12 انٽر لنڪ ڪئنال، 13 آبپاشي ڪمانڊ ايريا ۽ هڪ لک 10 هزار واٽر ڪورس آهن. جيڪي زمين تائين پاڻي پهچائين ٿا. سلسلي موجب درياءَ مان مين ڪئنال، ان مان برانچ ڪئنال، ان مان ڊسٽريبيوٽريز يا مائينرون ۽ ان مان واٽر ڪورس نڪرن ٿا جيڪي زمينن تائين پاڻي پهچائين ٿا. جن مان وري موگهن وسيلي زمينن کي پاڻي ڏنو وڃي ٿو.

سنڌ صوبو سڀ کان وڌيڪ لاڀ سنڌو درياءَ مان ئي حاصل ڪري ٿو ۽ سنڌ ۾ ٽي بئراج آهن. جن مان هر سال 14 ڪئنالن وسيلي 48 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي زمينن تائين پهچايو وڃي ٿو. ڪئنال سسٽم جي ٽوٽل ڊيگهه 916، 11 ميل آهي جنهن وسيلي 391، 14 ملين ايڪڙ زمين آباد ٿئي ٿي. صوبي اندر موجود 42000 واٽر ڪورسن جي ڊيگهه 75000 ميل آهي. جڏهن تہ صوبي اندر 78 سيڪڙو جي جو پاڻي کارو آهي. جيڪو نہ پيئڻ جوڳو آهي نہ ئي ان مان ڪا زرعي آبادي ڪري سگهجي ٿي. سنڌ ۾ هن وقت ڪل 13 سرفيس ڊرينيج سسٽم آهن جيڪي 2، 6 ملين ايڪڙ زمين مان سم يا ڊرينيج جو پاڻي ڪين ٿا جنهن جي ڪل ڊيگهه 2981 ميل آهي. جڏهن تہ ٻہ سب سرفيس ڊرينيج سسٽم بہ موجود آهن. جن جي ايريا هڪ لک ايڪڙ آهي ۽ صوبي اندر سم نيڪال جو بهتر نظام نہ هجڻ سبب هن وقت ڪئنال ڪمانڊ ايريا جي هڪ ڀاڱي پنج ايراضي سم ۽ ڪلر جي ور چڙهيل آهي.

سنڌ ۾ 60 سيڪڙو کان وڌيڪ غريب آبادي ڳوٺن ۾ رهي ٿي، سڄي ملڪ اندر 33 سيڪڙو ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ واري زندگي گذارين ٿا جڏهن تہ سنڌ اندر انهن جو تناسب 37 سيڪڙو آهي. ڳوٺن ۾ 70 سيڪڙو کان وڌيڪ ماڻهو اهڙا آهن جن کي پنهنجي زمين جو ڪو ٽڪرو بہ نہ آهي . 2001 ع جي پاڪستان رورل هائوس سروي موجب ڳوٺن جا 56 سيڪڙو ماڻهو سڌي يا اڻسڌي ريت پنهنجو روزگار زراعت مان حاصل ڪن. ڳوٺن جا اڪثر ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن جي زمين تي هاريو يا روزگار ڪن ٿا ۽ ان مان پنهنجي لاءِ روزگار حاصل ڪن ٿا. جڏهن تہ ان ڪانپوءِ ماڻهن جي روزگار جو ذريعو سرڪاري ملازمت آهي. باقي ٿورا ڪي ماڻهو نجي کاتن ۾ ملازمت ڪن ٿا. ان ڪري آبپاشي کاتي اندر سڌارا آڻڻ تمام ضروري آهن تہ جيئن هڪ تہ ڳوٺن ۾ ماڻهن کي روزگار جا وڌيڪ موقعا ملي سگهن تہ ٻي طرف ڳوٺن ۾ غربت ۾ بہ گهٽتائي اچي سگهي.

**مسئلا ۽ درپيش ايندڙ پيچيدگيون**

سنڌ جي آبپاشي نظام جي بحالي ۽ سڌارن ۾ ڪافي سارا مسئلا ۽ پيچيدگيون درپيش اچي رهيون آهن. جڏهن تہ سڀ کان وڏيڪ مسئلو آبپاشي نظام ۾ خود آبادگارن جي عدم شرڪت آهي. نتيجي طور آبپاشي کاتي پاران پاڻي جي رسد ۽ آبادگارن پاران گهرج جو خال گهٽ نہ ٿيو آهي ۽ انڪانسواءِ ماحولياتي مسئلن، سم ۽ ڪلر بہ ان کي وڌيڪ خراب ڪيو آهي. هن وقت تائين آبپاشي کاتي جو ڪنٽرول اڪثر ڪري سرڪار وٽ رهيو آهي ۽ سرڪاري عملي ۾ مهارت ۽ ڄاڻ گهٽ هجڻ، نگراني گهٽ ڪرڻ ۽ آبادگارن سان گهٽ رابطو رکڻ سبب سنڌ جي هيڏي وڏي آبپاشي نظام مان ڪو خاص لاڀ حاصل نہ ٿي سگهيو آهي.

**آبپاشي کاتي اندر ادارتي ڪمزوريون ڪجهہ هن ريت واضح آهن.**

1. آبپاشي جي پاڻي جي رسد ۾ ڪمزوري، ڪئنال کان زمين تائين پهچندي پاڻي جو 30 کان 40 سيڪڙو حصو ضايع ٿي وڃي ٿو.
2. پاڻي جي غير منصفاڻي ورهاست.
3. زمين ۾ پاڻي جو غلط استعمال.
4. سم ۽ ڪلر.
5. واهن ۽ واٽر ڪورسن جي نگراني ۽ آبياني جي گهٽ اوڳاڙي.
6. آبپاشي سيڪٽر ۾ سيڙپڪاري جو گهٽ هجڻ.

هي سڀ مسئلا تمام اهم آهن، ڇاڪاڻ جو سنڌ جي اڪثر زمين جو جر ڪارو آهي ۽ جر جو اهو ڪارو پاڻي آبپاشي يا ڪنهن بي مقصد لاءِ استعمال نہ ٿو ٿي سگهي ، جڏهن تہ وڏا ۽ اثر رکندڙ آبادگار آبپاشي نظام ۾ مداخلت ڪن ٿا. جڏهن تہ اهي ادارتي سڌارن هوندي ايتري مداخلت نہ تا ڪري سگهن.

تاريخي حوالي سان آبپاشي جو سڄو نظام سواءِ واٽر ڪورسن جي هميشہ آبپاشي کاتي جي ملڪيت رهيو آهي ۽ انهن جي نگراني توڙي مرمت ۽ ٻين ڪمن جي ذميوار بہ سنڌ سرڪار جو اريگيشن اينڊ پاور کاتو رهيو آهي. صرف واٽر ڪورس ئي آبادگارن جي ملڪيت رهيا آهن، جن جي اهي پرگهور لهندا رهيا آهن. واهن ۾ پاڻي هميشہ سرڪار پاران هڪ مقرر مقدار موجب ڏنو ويندو آهي. لڳاتار مرمت ۽ سار سنڀال نہ ٿيڻ سبب هن وقت اڪثر ڪئنالن جي حالت خراب ٿي چڪي آهي، انهن اندر لٽ پرجي چڪي آهن ۽ ڪپر ڪاچي چڪا آهن. خاص طور انهن علائقن ۾ جتي سم ۽ ڪلر جو وڌيڪ آزار آهي ۽ جر پاڻي بہ ڪارو آهي، اتي ڪئنالن، برانچ ڪئنالن، ڊسٽيبيوٽرين، مائينرن ۽ واٽر ڪورسن کان ٿيندڙ سيمي کان بچائڻ لاءِ واهن، مائينرن ۽ واٽر ڪورسن ڪي سڌارڻ جي ضروت آهي ۽ ان سلسلي ۾ مرمت توڙي سار سنڀال لاءِ ضرورت آهي تہ شراڪتي نظام هيٺ آبادگارن کي ساڻ وٺي هلجي.

**1.3 پراجيڪٽ جا مک حصا**

تجويز ڪيل سنڌ وسپ پراجيڪٽ جو مک مقصد پاڻي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ، پاڻي جي وقت سر رسد، برابري جي بنياد تي ورهاست، وڌ کان وڌ زرعي اپت آهي. اهوپراجيڪٽ ٽنهي ايريا واٽر بورڊن گهوٽڪي، نارا ۽ ليفٽ بينڪ ڪئنال ايريا واٽر بورڊن ۾ لاڳو ٿيندو ۽ ان جا مقصد هيٺين ريت حاصل ڪيا ويندا.

1. سنڌ ۾ هلندڙ ادارتي سڌارن کي جاري رکيو وڃي.
2. آبپاشي وارو نظام بئراجن، ڪئنالن، برانچ ڪئنالن ۽ مائينرن تائين هڪ خاص طريقي موجب هلايو ۽ سڌاريو وڃي. صوبي اندر سنڌ آن فارم واٽر مئنيجيمنيٽ ۽ نيشنل پروگرام هيٺ اڳ ئي واهہ ۽ واٽر ڪورس سڌاريا پيا وڃن.
3. آبپاشي نظام کي شراڪتي نظام هيٺ ڊگهي ميعاد واري طريقي موجب هميشہ لاءِ سڌاريو پيو وڃي ۽ ان جي لڳاتار نگراني ۽ سارسنڀال لاءِ ادارا جوڙيا پيا وڃن.

**مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هيٺيان پيرا ميٽر مقرر ڪيا ويندا.**

1. ڪئنالن، مائينرن، واٽرڪورسن ۾ ٿيندڙ پاڻي جي زيان کي هر ممڪن حد تائين تائين گهٽايو ويندو.
2. سم جي نيڪال جي پاڻي کي گهٽايو ويندو.
3. زمين تي پاڻي جي گهرج ۽ ڪئنالن ۾ موجود پاڻي جي مقدار جو ايڪو برابر بڻايو ويندو ۽ ان کي 10 ڏينهن، ماهوار، موسم ۽ سال جي بنياد تي نظر ۾ رکيو ويندو.
4. ڪئنالن کي پونڊڙ روٽين ۽ گهارن جو تدارڪ ڪيو ويندو.
5. ڪئنالن جي منڍ ۽ پوڇڙ تي واقع واٽر ڪورسن ۾ پاڻي جو برابر مقدار چڙهڻ کي يقيني بڻايو ويندو.
6. آبادگارن جي آبادگار تنظيمن ۾ شرڪت کي يقيني بنائڻ ۽ اريگيشن اينڊ ڊرينيج مئنيجمينٽ ٽرانسفر (IDMT) ذريعي ڊسٽيبيوٽريز ۽ مائينرن جوڪنٽرول سندن حوالي ڪرڻ آهي.
7. آبادگار تنظيمن کي وڌيڪ آبيانا وصول ڪرڻ لاءِ همٿائبو ۽ اها رقم سسٽم جي بهتري ۽ نگراني تي خرچ ڪئي ويندي.
8. سم ۽ ڪلر کي گهٽ ڪرڻ جون تدبيرون اختيار ڪيون وينديون.

### 1.4: پراجيڪٽ جا حصا

وسپ پراجيڪٽ سيڊا هيٺ ايندڙ ٽنهي ايريا واٽر بورڊن گهوٽڪي، نارا ۽ ليفٽ بينڪ ڪئنالز ايريا واٽر بورڊن ۾ لاڳو ٿيندو. پراجيڪٽ سنڌ سرڪار جي پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ ۾ قائم "پراجيڪٽ ڪوآرڊينيشن اينڊ مانيٽرنگ يونٽ" (PCMU) جي لڳاتار نگراني هيٺ رهندو.

### 1.5 پراجيڪٽ جا مک حصا

پراجيڪٽ جوڪل ڪاٿو 175 ملين آمريڪي ڊالر آهي ۽ ان جا هيٺيان مک حصا آهن.

**حصو الف ڪميونٽي ڊولپمينٽ اينڊ ڪيپيسٽي بلڊنگ. ڪٿيل رقم 10 ملين آمريڪي ڊالر**

سيڊا جي ترقي ۽ واڌاري تي خاص طور خرچ ڪئي ويندي تہ جيئن سيڊا سڄي صوبي اندر سنڌ واٽر مئنيجمينٽ آرڊيننس 2002ع موجب آبپاشي ۽ ڊرينيج جو نظام سڌاري ۽ سنڀالي سگهي. سيڊا جي موجوده آفيسن جي مرمت ۽ سنڀال ڪئي ويندي، آبپاشي ڪاتي کان سڄو نظام ادارتي سڌارن وسيلي آبادگارن جي حوالي ڪيو ويندو. ان لاءِ سيڊا ۽ آبادگار تنظيمن ۾ سگهہ پيدا ڪئي ويندي. آبادگارن جي ٽريننگ، ڪين قانوني سهائتا مهيا ڪرڻ سميت سيڊا ۾ قائم انوائرونمينٽل مئنيجمينٽ يونٽ کي وڌيڪ سگهارو ڪري ان کي ترقي وٺرائي ويندي تہ جيئن پراجيڪٽ دوران ٿيندڙ ماحولياتي معاملن کي نظر ۾ رکيو وڃي.

**حصو ب آبپاشي ۽ ڊرينيج جي نظام جي مرمت ۽ سڌاري لاءِ. ڪٿيل رقم 137.9 ملين آمريڪي ڊالر**

ايريا اندر ايندڙ سيني ڪئنالن جي بئراجن کان وٺي زمين تائين هڪ نظام هيٺ بحالي جوڪم ڪيو ويندو. سنڌ آن فارم واٽر مئنيجمنٽ جي حصي ۾ ايندڙ آبپاشي نظام ڪانسواءِ باقي سڄي نظام کي بحال ڪيو ويندو. مک ۽ برانچ ڪئنالن، ڊسٽريبيوٽريز ۽ مائينرن سميت ڊرينيج سسٽم جي ڊزائين ۽ تعميراتي ڪم تي بہ رقم خرچ ڪئي ويندي.

**حصو ج مک اريگيشن ۽ ڊرينيج انفرا اسٽرڪچر جي مئنيجمينٽ پلان لاءِ. ڪٿيل رقم 12 ملين آمريڪي ڊالر**

هي رقم بئراجن جي فزيبلٽي رپورٽن ۽ سنڌو درياءَ جي ڪاچي پاسي جي انڊس ڊيلٽا ۽ ڪوسٽل زون لاءِ ماسٽر پلان جوڙڻ تي خرچ ڪئي ويندي.

**حصو د. پراجيڪٽ جي اثرن جي مانيٽرنگ ۽ ايويوليشن جي لاءِ انوائرونمينٽل مئنيجمينٽ پلان جوڙڻ لاءِ ڪٿيل رقم 4.2 ملين آمريڪي ڊالر**

حصو هـ — **پراجيڪٽ ڪوآرڊينيشن ۽ پروڪيورمينٽ جي مانيٽرنگ، مستقبل لاءِ پراجيڪٽ ناهڻ ۽ ٽيڪنيڪي سهڪار ۽ سڪيا ڏيڻ لاءِ ڪٽيل رقم 11 ملين آمريڪي ڊالر.**

## 1.6 انٽيگريٽيڊ سوشل اينڊ انوائرونمينٽل اسيسمينٽ (ISEA) (سماجي ۽ ماحولياتي حوالي سان مربوط جائزو)

پراجيڪٽ جي سلسلي هيٺ سنڌ سرڪار، سيڊا ۽ پراجيڪٽ ڪوآرڊينيشن اينڊ مانيٽرنگ يونٽ پاران پراجيڪٽ جي سماجي ۽ ماحولياتي حوالي سان مربوط جائزي تي ٻڌل هڪ سمري رپورٽ (آءِ ايس اِي اَي) جوڙي وئي آهي. جيڪا سيڊا جي انجنيئرنگ ڪنسلٽنٽ عثماني اينڊ ڪمپني جي سهڪار سان تيار ڪئي وئي آهي. موجوده سمري رپورٽ سنڌ آن فارم واٽر مئنيجمينٽ لاءِ ناهيل سمري رپورٽ جي روشني ۾ تيار ڪئي وئي آهي. ڇاڪاڻ جو هي پراجيڪٽ به ان ايريا ۾ اچي رهيو آهي جتي اڳ ئي آن فارم واٽر مئنيجمينٽ هيٺ ڪم هلي رهيو آهي.

آءِ ايس اِي اَي وسپ ڏور رس ادارتي ۽ فزيڪل معاملن کي نظر ۾ رکندي تيار ڪئي وئي آهي. ان ڪري في الحال اهڙا ڪي خاص معاملا درپيش نه آهن. آءِ ايس اِي اَي پهرين سيپٽمبر 2005 ۾ تيار ڪئي وئي جنهن جو سنڌي ترجمو انوائرونمينٽل مئنيجمينٽ يونٽ سيڊا پاران ڪرائي 19 کان 25 مارچ 2006 ع گهوٽڪي، نارا ۽ ليفٽ بينڪ ڪئنالز ايريا واٽر بورڊن ۾ آبادگارن سان ٿيل گڏجاڻين کان اڳ سيني لاڳاپيل شخصيتن ۽ ادارن ۾ ورهايو ويو. ان ڪانپوءِ آبادگارن کان ان بابت سندن موقف ۽ مشورا به ورتا ويا، جنهن بعد آءِ ايس اِي اَي کي نئين سر فائينل ڪيو ويو. ان آخري رپورٽ جي بنياد تي وري گهوٽڪي، بدين ۽ ميرپوخاص ۾ 5، 7 ۽ 9 آڪٽوبر 2007 ع تي آبادگارن ۽ اين جي اوز سان گڏجاڻيون ڪيون ويون. جن کي اڳواٽ آءِ ايس اي اي جو سنڌي ترجمو ڪري ڏنو ويو. جنهن تي پڻ ڪافي بحث ٿيو.

## 1.7 ڪم جو معيار

**ٽرم آف ريفرينس مطابق آءِ ايس اي اي جو هيٺيون معيار آهي.**

1. صحيح ماڻهن جي سڃاڻپ، جيڪي خاص طور غريب طبقي سان لاڳاپيل هجن انهن کي ساڻ کڻڻ ته جيئن انهن لاءِ پراجيڪٽ کي يقيني طور فائديمند بڻائي سگهجي.
2. پراجيڪٽ جي سماجي ۽ ماحولياتي اثرن جي سڃاڻپ ۽ مشاهدو ڪرڻ، انهن جي خراب اثرن جي سڃاڻپ ڪرڻ.
3. صلاحيتي قدمن ذريعي اثرائتو شراڪتي نظام پيدا ڪرڻ ۽ خراب اثرن کي گهٽائڻ لاءِ قدم کڻڻ.
4. آبپاني نظام ۾ سڌارن جو تسلسل ۽ اڳ ٿيل تجربن مان سبق حاصل ڪرڻ
5. جولاءِ 2003 ع ۾ بدين ۾ آيل برساتن جي اثرن جو جائزو وٺڻ ۽ ان سان ٿيل نقصان ۽ نئين سر بحالي کي وسپ ۾ شامل ڪرڻ.
6. سماجي ۽ ماحولياتي مسئلن جي حل لاءِ پاڪستان سرڪار ۽ ورلڊ بينڪ جي هدايتن تي عمل ڪرڻ.

**پراجيڪٽ ايريا جو نقشو**

**نقشو نمبر 1.1 وسپ پراجيڪٽ ايريا**



# باب ٻيو

## سماجي ۽ ماحولياتي ترقيءَ جي مربوط جائزي جي ميٿاڊلاجي ۽ فيلڊ ورڪ

### 2. سماجي ۽ ماحولياتي ترقيءَ جي مربوط جائزي جي ميٿاڊلاجي ۽ فيلڊ ورڪ

آءِ ايس اِ يِ اَيِ جي مڪمل ميٿاڊالاجيڪل ڊزائين جو فريم ورڪ هيٺين ذريعن ۽ انگن اکرن مان حاصل ڪيو ويو.

### 2.1 پاليسين، هدايتن ۽ قانون جو ٻيهر جائزو وٺڻ( پاڪستان سرڪار، سنڌ سرڪار ۽ ورلڊ بينڪ):

پراجيڪٽ جي پاليسين ۽ فريم ورڪ جوڙڻ لاءِ ڪنسلٽنٽ پاڪستان ۽ سنڌ سرڪار سميت ورلڊ بينڪ جي پاليسين ۽ هدايتن جي روشني ۾ ڪم ڪندا. پراجيڪٽ ورلڊ بينڪ جي سهڪار سان سنڌ سرڪار پاران لاڳو ڪرايو ويندو.

1. پاڪستان ۽ سنڌ سرڪار جون پاليسيون ۽ قانون
2. ورلڊ بينڪ جون هدايتون، پاليسيون ۽ حڪم

**هيٺ ڏنل دستاويز/ ضروري مواد ڪنسلٽنٽن کي ڏنو ويو جنهن جي بنياد تي اسٽڊي ڪئي وئي.**

- سنڌ ايريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي پاران جاري ڪيل ٽرم آف ريفرنس (ٽي او آر)
- ورلڊ بينڪ پاران پراجيڪٽ ڪانسيپٽ ڊاڪيومينٽ
- ورلڊ بينڪ پاران ڊرافٽ پراجيڪٽ اپريزل ڊاڪيومينٽ (بار بار نئين سر تيار ٿيل)
- ورلڊ بينڪ پاران انٽيگريٽيڊ سيف گارڊ شيٽ
- آڪٽوبر 2002ع تي منظور ٿيل سنڌ واٽر مينيجمينٽ آرڊيننس

**مٿي ڏنل دستاويز ۽ مواد جي بنياد تي ڪنسلٽنٽس پاران هيٺ ڏنل لاڳاپيل پاليسين، هدايتن ۽ قانونن جو به جائزو ورتو.**

- قومي ماحولياتي رهنمائي ۽ قانون – پاڪستان انوائرومينٽل پروٽيڪشن ايڪٽ 1997ع
- سنڌ وائيلڊ لائف پروٽيڪشن آرڊيننس 1972ع ۽ ترميم شده 2001ع
- سنڌ واٽر مينيجمينٽ آرڊيننس 2002ع
- ڪنويشن آف ويٽليڊ آف انٽرنيشنل امپارٽس_ رامسر_ 1971ع

### 2.2 لاڳاپيل ادارن، ٽيمن ۽ آبادگار تنظيمن جو جائزو:

آءِ ايس اِ يِ اَيِ ۾ سيني لاڳاپيل ادارن، ٽيمن ۽ آبادگار گروپن جي جائزي کي شامل ڪيو ويو آهي. جيڪي وسپ سان لاڳاپيل رهندا. انهن ۾ سيڊا ۽ ان جو سوشل ڊولپمينٽ سيل، ايريا واٽر بورڊ، اين ڊي پي سنڌ، ايف او سي، آبادگار تنظيمون، اين جي اوز، هاري ۽ ٻيا پاڻي سان لاڳاپيل ماڻهو به شامل آهن.

### 2.3 ايريا واٽر بورڊن جي بنيادن تي ڳوٺن ۽ آبادگار تنظيمن جي چونڊ جو معيار:

سنڌ جي ٽنهي ايريا واٽر بورڊن ۾ شروع ٿيندڙ وسپ پراجيڪٽ ۽ آءِ ايس اي اي جي اسٽڊي لاءِ ڪيٽرائي معيار مقرر ڪيا ويا آهن. جن ۾ ضلعن، ڳوٺن ۽ آبادگار تنظيمن جي چونڊ شامل آهن. انهن معيارن جي بنياد تي تفصيلي طور جائزو وٺي سگهبو. سماجي اقتصادي ۽ ٽيڪنيڪل انگ اکر حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ هڪ پروگرام هيٺ علائقا چونڊيا ويا ۽ آبادي، پوکجندڙ فصلن، طريقيڪار ۽ ان جي قسمن تي وڌيڪ ڌيان ڏنو ويو.

مختلف ضلعن لاءِ الڳ الڳ چونڊ هن ريت ڪئي وئي.

**الف: ضلعن جي چونڊ**

- ايريا واٽر بورڊ 1 : گھوٽڪي فيڊر (گھوٽڪي ضلعو)
- ايريا واٽر بورڊ 2 : نارا (ميرپورخاص ضلعو)
- ايريا واٽر بورڊ 3: ليفٽ بينڪ ڪئنالز (اڪرم واهه ۽ ڦليلي حيدرآباد، ٽنڊو محمد خان ضلعن لاءِ)
- ڪنٽرول گروپ: رائيٽ بينڪ ڪئنال پنجاري ۽ ڪلري- ٺٽي ضلعي ۾)
- بدين: ٻوڏ سبب متاثر ٿيل خاص علائقو

**مٿي ڏنل 10 ايف اوز (اڳتي ڳوٺ طور ڄاڻائبيون) جي بنياد تي مختلف ايريا واٽر بورڊن جي هيٺين ريت ڄاڻ حاصل ٿي.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. | گھوٽڪي فيڊر | 1+1ڪئنال | CCA Under 2000 acres CCA<br>CCA 2000 – 5000 G |
| 2. | ليفٽ بينڪ ڪئنالز | 1+1ڪئنال | 1. Meckim (Comtvol Group)<br>CCA 800 or above |
| 3. | نارا ڪئنال | 6. ڪئنال | هڪ ڪئنال 2000 acres CCA<br>3. ڪئنال2000’6-8000اِيڪڙ CCA<br>2. ڪئنال 8000 اِيڪڙ CCA ۽ وڌيڪ |
| 4. | رائيٽ بينڪ ڪئنال | 2. ڪئنال | ڪنٽرول گروپ |

انگ اکر گڏ ڪرڻ دوران هر ايف او مان 10 ڄڻا ۽ هائوس هولڊ مان 20 ڄڻا چونڊيا ويا ۽ اهڙي ريت 120 ڄڻا چونڊيا ويا. ايريا واٽر بورڊن کان ٻاهر خيرپور، نوشهرو فيروز، نوابشاهه، حيدرآباد، ٺٽي ۽ عمر ڪوٽ کي چونڊيو ويو. سنڌوءَ جي ڪاٻي ڪنڌي جي انهن علائقن جي سروي ڪئي وئي ۽ اهي سڀ علائقا هڪ ٻئي کان ڪجهه پري آهن ۽ اتي جي زمين جو معيار ۽ پوکجندڙ فصل به مختلف آهن ۽ تازو شروع ٿيل سنڌ آن فارم واٽر مينيجمينٽ پروگرام هيٺ انهن علائقن ۾ واٽر ڪورس به پڪا ٿي رهيا آهن.

**ب: ڳوٺن جي چونڊ**

هر چونڊيل ضلعي مان هڪ مائينر يا ڊسٽريبيوٽري کي چونڊيو ويو ۽ انهن تي آباد ڳوٺن جي چونڊ ڪئي وئي.

**ڳوٺن جي چونڊ جي معيار هيٺين بنياد تي رکيو ويو:**

ايف او: ان ڳوٺ ۾ نئين يا پراڻي ايف او جي موجودگي هجي

ڊرينيج (سم): ان ڳوٺ جي پرپاسي سم نا لاموجود هجن.

سنيال جو طريقيڪار: ڳوٺاڻا پنهنجون زمينون پاڻ ئي سنڀاليندا هجن ۽ سني اپت ڪڻندا هجن.

**2.4 گھراڻن کان پڇيل سوالنامو:**

واٽر ڪورسن تي هلندڙ ڪمن کان اڳ ۽ پوءِ جو تفصيلي جائزو وٺڻ لاءِ هڪ جامع ۽ گھڻ رخو سوالنامو تيار ڪيو ويو.

1. گھراڻن جو مڪمل پروفائيل
2. آبپاشي واري پاڻي جو واهپو
3. آبادگارن جي شراڪت

4. زرعي اپت /پيداوار
5. صحت ۽ ماحوليات جا مسئلا
6. پاڻي جو گهريلو استعمال
7. مقامي سرڪاري عملدارن ۽ عام ماڻهن جو رويو ۽ خيال

### 2.5 اهميت جوڳيون گروپ ڪچهريون

#### 2.1.5 متعين ڪيل گروپ

- استيڪ هولڊر (واٽر مينيجمينٽ جا عملدار)
- عورتون
- هاري ۽ ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ مزدور
- وچٿرا ۽ وڏا آبادگار/ زميندار
- غير زرعي مقصدن لاءِ پاڻي استعمال ڪندڙ

### 2.6.2 هر گروپ جون اهم خاصيتون

**الف. استيڪ هولڊر**

واٽر مينيجمينٽ اداري جا عملدار، جهڙوڪ ايريا واٽر بورڊ جا چيئرمين، صدر، سيڪريٽري، ايف اوز، واٽر ڪورس ايسوسيئيشنون، سرڪاري عملدار، آبپاشي کاتو، سيڊا، ايگريڪلچر انجنيئرنگ، واٽر مئنيجمينٽ، مقامي حڪومتون، اين جي اوز ۽ ٻيا ان ۾ شامل آهن.

**ب. عورتون**

هاري عورتون، مال پاليندڙ، گهريلو ڪم ڪندڙ يا زرعي مزدور طور عورتون ان ۾ شامل آهن.

**ج: ننڍا آبادگار يا هاري**

- گهٽ زمين رکندڙ آبادگار
- هاري طور ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ جنهن کي پنهنجي زمين نہ هجي
- مقاطعي طور ٻني کڻندڙ / آباد ڪندڙ

**د: زميندار**

وچٿرا زميندار جيڪي 16 کان 25 ايڪڙن کان وڌيڪ زمين رکندڙ هجن.

### 2.5.3 فوڪس گروپ ڊسڪشن/ آرگنائيزيشن

ڏنل خاص ٽائيم فريم ۽ پهچ جي بنياد تي 6 فوڪس گروپ ڊسڪشن ڪيا ويا، جيڪي هيٺين ريت آهن:

| نمبر | علائقو | طريقو |
|---|---|---|
| 1. | ليفٽ بينڪ | ننڍا آبادگار |
| 2. | نارا | وڏا آبادگار |
| 3. | گهوٽڪي | عورتون |
| 4. | ڪنٽرول گروپ_ سجاول | وچٿرا آبادگار |
| 5. | وڌيڪ استيڪ هولڊر_ميرپورخاص | غير زرعي پاڻي واپرائيندڙ |
| 6. | بدين_ متاثر ٽيل | _ |

### 2.6 گڏجاڻيون ۽ پڌرايون

پراجيڪٽ جي سلسلي ۾ آءِ ايس اِي اَي سمري رپورٽ جي جيڪا ڪاپي تيار ڪئي وئي آهي ان هو سنڌي ۾ ترجمو ڪري سيني آبادگارن ۾ ورهايو ويو ۽ بعد ۾ سيمتمبر 2005ع ۾ گهوٽڪي، بدين ۽ ميرپور خاص ۾ گڏجاڻيو ڪيون ويون، جنهن ۾ ان بابت آبادگارن کان رايا، صلاحون ۽ مشورا ورتا ويا. جنهن بعد 16، 17 جنوري ۽ 29 مارچ 2006ع تي ٻيهر ورڪشاپ ۽ سيمينار ڪرايا ويا، جنهن ۾ آبادگارن ۽ اين جي اوز جي ڪارڪنن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. جن کي سڄي پراجيڪٽ ۽ ان جي سماجي ۽ ماحولياتي پهلوئن بابت خاص ڄاڻ ڏني وئي ۽ ان بعد ملندڙ موٽ کي وري ٻيهر نئين آءِ ايس اي اي جي فائينل ڊرافٽ ۾ شامل ڪيو ويو.

آخر ۾ آڪٽوبر 2006ع ۾ آءِ ايس اي اي رپورٽ کي نئين شڪل ڏني وئي. جنهن بعد وري ان جو سنڌي ترجمو ڪرائي لاڳاپيل آبادگارن ۽ ادارن ۾ ورهائي وئي. جنهن بعد وري فائينل رپورٽ ۾ ٻه ڪجهه تبديليون ڪيو ويون. هر پيري آءِ ايس اي اي رپورٽ جو سنڌي ترجمو انوائرونمينٽل مئنيجمينٽ يونٽ سيڌا پاران ڪيو ويو.

## باب ٽيون

## ماحوليات بابت پاليسيون ۽ قانون

### 3. ماحوليات بابت پاليسيون ۽ قانون

ايريا ۾ سماجي ۽ ماحولياتي اثرن جي جائزي بعد ورلڊ بينڪ جي پاليسين بابت مختصر تعارف هيٺين ريت آهي.

### 3.1 قومي ماحولياتي رهنمائي ۽ قانون، پاڪستان انوائرونمينٽل پروٽيڪشن ايڪٽ 1997ع

ملڪ اندر ماحوليات جي بچاءُ لاءِ سرڪاري لحاظ کان قانوني طور پاڪستان انوائرومينٽل پروٽيڪشن ايڪٽ 1997ع جي صورت ۾ تحفظ ڏنل آهي ۽ پاڪستان انوائرونمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي هوا، پاڻي، زمين، آواز ۽ فضلي جي نيڪال واري گدلاڻ تي ڪم ڪري رهي آهي. ان ايڪٽ هيٺ ماحولياتي قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف سزائون ۽ ڏنڊ مقرر ٿيل آهن.

**ماحولياتي جاچ لاءِ هيٺ ڏنل پاليسين ۽ رهنمائن جو جائزو ورتو ويو:**

1. انوائرونمينٽل امپيڪٽ اسيسمينٽ: (اي آءِ اي) شيڊول (الف) ۾ چونڊيل پراجيڪٽ
2. انيشل انوائرونمينٽل اسيسمينٽ: (آءِ اي اي) شيڊول (ب) ۾ چونڊيل پراجيڪٽ

وسپ جي انوائرونمينٽل اسيسمينٽ، آبپاشي نظام جي بحالي ۽ مرمت واري ڪم جو تفصيل ڊزائين دوران مڪمل ڪيو ويندو. سنڌ انوائرونمينٽل مئنيجمينٽ پروٽيڪشن ايجنسي (اِي پي اي) جي درخواست تي اها ڪين به ڏني ويندي. جيڪڏهن ڪو ڪم ڪنهن پروٽيڪٽيڊ ايريا ۾ اچي ويو ته ان ڪم ۾ اِي پي اي کي شامل ڪيو ويندو.

### 3.2 سنڌ وائيلڊ لائيف پروٽيڪشن آرڊيننس 1972_2001ع ۾ ترميم ٿيل

هي آرڊيننس ملڪ اندر جهنگلي جيوت جي وجود جو محافظ آهي جيڪو جهنگلي جيوت جي شڪار يا خاتمي جي روڪ ڪري ٿو. هي آرڊيننس جهنگلي جيوت وارن علائقن کي ٽن مختلف حصن ۾ ورهائي ٿو.

1. <u>نيشنل پارڪ:</u>

انهن علائقن ۾ ڪنهن به قسم جو شڪار ڪرڻ توڙي ڪنهن به مقصد لاءِ زمين اکيڙڻ يا جهنگلي جيوت جي رهائشگاهه کي نقصان رسائڻ تي پابندي مڙهيل هوندي آهي. ته جيئن جيوت جي کاڌ خوراڪ، رهائش ۽ ماحول کي نقصان نه پوي.

2. <u>وائلڊ لائيف سينچريز:</u>

انهن علائقن کي جهنگلي جيوت جي افزائش لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي ۽ اتي ڪنهن به قسم جي زرعي آبادي، چراهگاهه جوڙڻ توڙي جيوت جي گهرن، کاڌن جي وسيلن ۽ ماحول کي نقصان پهچائڻ تي مڪمل طور بندش مڙهيل هوندي آهي. عام ماڻهو کي اوڏانهن وڃڻ لاءِ خاص طور اجازت نامو وٺڻو پوندو آهي ۽ اختيارين جي اجازت سان خاص صورتحال ۾ انهن قانونن ۾ ڪجهه نرمي ڪري سگهبي آهي.

3. <u>گيم رزروس</u>

گيم رزروس اهي مخصوص علائقا هوندا آهن جتي شڪار خاص اجازت نامي کانپوءِ ڪري سگهبو آهي.

### 3.3 سنڌ واٽر مئنيجمينٽ آرڊيننس 2002ع

سنڌ سرڪار 26 آڪٽوبر 2002ع ۾ سنڌ واٽر مئنيجمينٽ آرڊيننس لاڳو ڪيو. جيئن شراڪتي بنياد تي شفاف نموني سان پاڻي جي ورهاست ڪري سگهجي ۽ زمين جي هر ٽڪڙي تائين پاڻي پهچائي سگهجي ۽ ان ورهاست ۾ آبادگارن کي به شامل ڪجي ۽ انهن جي صلاح مشوري سان آبپاشي جو نظام هلائي وڃ کان وڌ زمينون آباد ڪري بهتر کان بهتر زرعي اپت حاصل ڪجي. ان آرڊيننس هيٺ اڳ ئي قائم

ٿيل سنڌ ايريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي (سيڊا) کي اهو ڪم سونپيو ويو تہ اها صوبي اندر شراڪتي بنياد تي پاڻي جي منصفاڻي ورڇ ڪري. ان آرڊيننس ۾ هڪ اداري (سيڊا) جو مڪمل اسٽرڪچر ۽ نظام جو ذڪر بہ ڏنل آهي.

**3.4 ڪنوينشن آن ويٽليڊ آف انٽرنيشنل امپارٽنس رامسر 1971ع (عالمي معيار جي ڍنڍن ۽ پاڻين بابت ڪنوينشن رامسر 1997ع)**

**پاڪستان ان ڪنويشن تي صحيح ڪندڙ ملڪ آهي.صحيح ڪندڙ ملڪن تي هيٺان شرط لاڳو ٿين ٿا:**

1. عالمي معيار جي ڍنڍن جي چونڊ ڪرڻ
2. ملڪ اندر ڍنڍن جي اهميت ۽ معيار کي بهتر بڻائي ۽ ڍنڍن تي پوندڙ ماحولياتي اثرن جا جائزا (EIA) وٺي ۽ قومي معيار جي ڍنڍن جي بہ حفاظت ڪجي.
3. ڍنڍن کي قدرتي طور محفوظ رکڻ لاءِ ان جي ماحول کي بهتر بڻائي ۽ ڍنڍن جي پاڻي کي گدلو ٿيڻ کان بچائي رکجي.
4. پنهنجي لحاظ کان ڍنڍن تي تحقيق کي جاري رکجي ۽ اتي ايندڙ تبديلين جو بغور جائزو ونندو رهجي.
5. ڍنڍن جي حفاظت لاءِ ٻين ملڪن ۽ ادارن سان رابطا رکجن ۽ ٻين ملڪن جي ڍنڍن جي اهميت تسليم ڪجي. خاص طور جيڪڏهن ڍنڊيو يا پاڻي ٻن ملڪن وچ ۾ اچي وڃن.
6. ڍنڍن جي حفاظت لاءِ ڪم ڪندڙ ادارن جي مدد ڪندو رهجي.
7. ڍنڍن بابت ٿيندڙ تحقيق يا ان جا انگ اکر گڏ ڪرڻ ۾ ادارن جي مدد ۽ رهنمائي ڪرڻ.

هن وقت پاڪستان ۾ 19 ڍنڍن يا پاڻين کي رامسر سائيٽ طور پڌرو ڪيو ويو آهي. جيئن تہ هن وقت تائين وسپ پراجيڪٽ ۾ ڪنهن قسم جي مرمتي ڪم لاءِ ڪنهن علائقي جو تعين نہ ڪيو ويو آهي، انڪري اهو نہ ٿو چئي سگهجي تہ ان پراجيڪٽ جي ڪم سان ڪا بہ رامسر سائيٽ متاثر ٿيندي يا نہ. وسپ اسٽڊي جيتوڻيڪ اثرن جو جائزو وٺڻ لاءِ آهي ان ڪري اهو چئي سگهجي ٿو تہ ڪئنال ۽ ڊسٽريبيوٽرين جي پڪي ٿيڻ سان ممڪن آهي ڪنهن پراجيڪٽ جي ويجهو واري ڍنڍ تي ڪي اثر پون.

**3.5 ورلڊ بينڪ جون هدايتون ۽ پاليسيون (عام لاڳو ٿيندڙ)**

ورلڊ بينڪ جي پراجيڪٽ ڪانسيپٽ ڊاڪيومينٽ ۽ آءِ ايس ڊي ايس ۾ بينڪ جي اڪثر پاليسين ۽ هدايتن کي خاص طور بيان ڪيو ويو آهي.

**3.5.1 انوائرونمينٽل اسيسمينٽ:**

ورلڊ بينڪ پاران جنوري 1999ع ۾ تيار ٿيل بينڪ آپريشنل پروسيجر (OP_4.01) موجب پراجيڪٽن کي ٽن حصن A, B, C ۾ ورهايو ويو آهي. وسپ پراجيڪٽ ان ڪيٽيگري موجب ڪيٽيگري A ۾ اچي وڃي ٿو. ان ڪري ان پراجيڪٽ جو انوائرونمينٽل مئنيجمينٽ فريم ورڪ جوڙيو ويندو تہ جيئن پراجيڪٽ دوران پيش ايندڙ سيني مسئلن کي آساني سان منهن ڏئي سگهجي.

**3.5.2 نيچرل هيبيٽيٽس:**

سنڌ ۾ 54 وائيلڊ لائيف سينڪچريز ۽ ڍنڍون آهن جن مان 34 وسپ پراجيڪٽ جي حدن ۾ اچي وڃن ٿيون. انهن مان 3 ڍنڍون تہ رامسر ڪنوينشن موجب عالمي سطح جي اهميت جوڳيون ڊڪليئر ٿيل آهن. ان ڪري پراجيڪٽ ايريا ۾ انوائرونمينٽل اينڊ مانيٽرنگ پلان جوڙيو ويندو تہ جيئن ايريا ۾ موجود ڪنهن جي جهنگلي جيوت توڙي ڪنهن ٻي جيوت ، ماحول يا نظام کي نقصان نہ پوي.

### 3.5.3 رضاڪاراڻي ٻيهر آبادڪاري:

پراجيڪٽ دوران جيئن تہ ڪئنالن، مائينرن، ڊسٽيبيوٽريز ۽ واٽر ڪورسن جي بحالي جو ڪم ڪيو ويندو انڪري اهو ممڪن هيو تہ انهن جي ڪنارن تي آباد يا انهن پرسان رهندڙ ماڻهن کي ان بحالي جي ڪم جي ڪري ڪين پنهنجا گهر خالي ڪرڻا پئجي وڃن يا ڪين اتان لڏائي ڪنهن ٻي چڱي جڳهہ تي آباد ڪيو وڃي. ان ڏس ۾ سنڌ سرڪار جو لينڊ اڪيوزيشن وارو قانون 1983ع اهڙن ماڻهن جي ٻيهر آبادڪاري جي ضمانت ڏئي ٿو.

### 3.5.4 انٽرنيشنل واٽر ويز:

وسپ پراجيڪٽ سنڌو درياءَ جي پيچ تي آباد علائقي ۾ موجود آهي ۽ سڄي انڊس بيسن کي انٽرنيشنل واٽرويز ۾ شمار ڪيو ويندو آهي ان ڪري اهو پراجيڪٽ انٽرنيشنل واٽر ويز جي ايريا اندر اچي وڃي ٿو. انڪري ان ڳالهہ کي هر ممڪن طور يقيني بڻايو ويندو تہ پوڇڙ جي آبادگارن کي پنهنجي حصي جو پاڻي وقت سر ملي سگهي.

# باب چوٿون

# پراجيڪٽ ايريا ۾ زميني، موسمي ۽ آبپاشي نظام جون خاصيتون

## 4. پراجيڪٽ ايريا ۾ زميني، موسمي ۽ آبپاشي نظام جون خاصيتون

### 4.1 زمين جو مٿاڇرو

سنڌ کي ٽاپو گرافي (زمين جي مٿاڇري) مطابق چئن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. يعني اولهه کان کيرٿر جبل جي قطار وارو زميني حصو، سنڌو درياءَ جي وچ ۽ پاسن وارو حصو، اوڀر ۾ ريگستان وارو علائقو ۽ ڏکڻ ۾ سنڌو درياءَ جي ڊيلٽا وارو حصو.

**(الف) کيرٿر جبل جي قطار وارو زميني حصو:**

کيرٿر ۾ ٽن سلسلن سان جبلن جون قطارون آهن. جي اتر ڏکڻ جي طرف ۾ آهن ۽ سندس ويڪر 20 کان 50 ڪلوميٽر تائين آهي. کيرٿر جي علائقي ۾ ڪجهه زمين آهي جيڪا اڪثر خشڪ ۽ بيابان آهي.

**(ب) سنڌو درياءَ وارو حصو:**

هي حصو سنڌو دريا جي ايريا تي مشتمل آهي. هي حصو 580 ڪلوميٽر ڊگهو ۽ 51,800 چورس ڪلوميٽر آهي. ان جي لهواري اتر ۽ ڏکڻ جي هيٺانهين طرف آهي. اهي اهو سمنڊ جي سطح کان اوچائي ۾ 100 ميٽر مٿي آهي.

- لاڙ يا ڏکڻ واري حصي جي ايراضي ڏکڻ حيدرآباد جي آهي.
- وچولو سنڌ وارو حصو نوابشاهه ۽ نوشهرو فيروز وارو علائقو آهي.
- اتر سنڌ وارو علائقو لاڙڪاڻي، جيڪب آباد ۽ شڪارپور تي ٻڌل آهي.

**(ج) ٿر وارو علائقو:**

وارين جي پٽن وارو هي سنڌو علائقو اتر سنڌ ۾ آهي، اتر ۾ ان کي اڃڙو ٿر ۽ ڏکڻ ۾ ٿر چئجي ٿو. ٿر ۾ هڪ ننڍو جبل به آهي جنهن کي ڪارونجهر جبل چئجي ٿو.

**(د) انڊس ڊيلٽا:**

ڊيلٽا وارو علائقو ٺٽي ۽ بدين جي علائقن ۾ آهي جنهن ۾ سنڌو درياءَ جي پاڻي جو چوڙ ڊيلٽا جي ذريعي سمنڊ ۾ ٿئي ٿو. ڪوسٽل وارو علائقو 10 کان 40 ڪلوميٽر سمنڊ جي لهرن ۾ اچي ٿو ۽ ڪجهه تمر جي ٻيلي سان پريل آهي.

پراجيڪٽ جي ايريا ٺٽي ايريا واٽر بورڊن (تقريبن سنڌو درياءَ جي لٽ وارين زمين) تي مشتمل آهي.

### 4.2 موسم:

سنڌ صوبي جي موسم نيم گرم ۽ خشڪ آهي يونيسڪو جي مطابق سنڌ جي موسم کي ٽن درجن ۾ ورهايو ويو آهي.

(الف) سامونڊ علائقو ٺٽي جي ڏکڻ وارو حصو

(ب) ڏاکڻو حصو جيڪي ٺٽي ۽ حيدرآباد ۽ نوابشاهه واري کي حصي تي مشتمل آهي.

(ج) اتر وارو حصو جيڪو نوابشاهه کان جيڪب آباد تائين آهي.

سمنڊ واري علائقي ۾ هڪ سال تائين سراسري 175.200 ملي ميٽر برسات پئي ٿي. اتر واري گرم علائقي ۾ گرمي درجو 53 سينٽي گريڊ تائين پهچي ٿو. هوائن جو رخ اولهه کان ڏکڻ اولهه طرف سمنڊ واري علائقي طرف ۽ ڏکڻ اوڀر کان اتر وارن علائقن طرف ٿئي ٿو.

### 4.3 آبپاشي ۽ سم نالن جو نظام:

سنڌ جي جديد آبپاشي جو نظام 70 سال کن پراڻو آهي جڏهن ته پهريون سکر بئراج 1932ع ۾ ٺاهيو ويو ۽ ان کانپوءِ ڪوٽڙي 1955ع ۽ گڊو 1962ع ۾ جڙي راس ٿيا. هنن ٽنهي بئراجن جي ڪل آبادي 60 ۽ 46 هزار هيڪٽر تي ٻڌل آهي ۽ هن سان گڏ ڪجهه بلوچستان صوبي زمين شامل آهي. هنن بئراجن جي پاڻي تي 5.186 ملين هيڪٽر زمين آبپاشي جي پاڻي ۾ آباد ٿئي ٿي جيڪا هيٺ ڏيکاريل آهي. انگن ۽ اکرن مطابق 80 سيڪڙو سنڌ جي زرخيز زمين بئراج جي پاڻي تي آباد ٿئي ٿي.

ٽيبل. 4.1 بئراج جي ڪمانڊ جي مطابق ايراضي ڏيکاري ٿي

| بئراج | 1997 | 1996 | 1998 | 1997 | 1999 | 1998 |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | ڪمانڊ ايريا | آباد ٿيل ايريا | ڪمانڊ ايريا | آباد ٿيل ايريا | ڪمانڊ ايريا | آباد ٿيل ايريا |
| 1. گڊو | 20.0 | 20.5 | 17.0 | 17.0 | 21.0 | 15.9 |
| 2. سکر | 53.0 | 52.7 | 60.6 | 59.8 | 55.4 | 59.6 |
| 3. ڪوٽڙي | 27.0 | 26.8 | 22.4 | 23.2 | 22.7 | 23.5 |
| 4. سنڌ | 4. 360 | 4.559 | 5. 463 | 5.099 | 6.046 | 5. 186 |

ذريعو: ڊولپمينٽ اسٽيٽسٽڪس آف سنڌ، 2001ع صفحو 71 ملين ۾

سنڌ جي آبپاشي جو نظام 14 مين ڪئنالن، 1446 ڊسٽريبيوٽرين، مائينرن ۽ واٽر ڪورسز تي مشتمل آهي ۽ هن سڄي نظام جي ڊيگهه 75000 ميل آهي، چوڏنهن ڪئنالن مان پنج سنڌو درياءَ جي ساڄي پاسي ۽ 9 کاٻي پاسي آهن. هر هڪ مين ڪئنال جي آبادي لائق ايراضي مختلف آهي. روهڙي ڪئنال آبادي لائق ايراضي سڀني ڪئنالن کان گهڻي آهي. جڏهن ته خيرپور اولهه ڪئنال جي آبادي لائق ايريا سڀني ڪئنالن کان گهٽ آهي. رائيس ڪئنال ۽ بيگاري فيڊر سنڌو درياءَ جي ساڄي پاسي ۽ پنجاري ۽ ڦليلي درياءَ جي کاٻي پاسي پاڻي پهچائيندڙ نان پرنيل ڪئنال آهي، جيڪي صرف سال ۾ خريف جي موسم ۾ آبپاشي جو پاڻي پهچائيندا آهن ۽ هي ڪئنال پيئڻ جو پاڻي تقريبن سڄو سال پهچائيندا آهن.

جر جو پاڻي گهٽ نيڪال ٿيڻ سبب زمين ۾ سم ۽ ڪلر وڌي ٿو ۽ وقتائتي برسات جي نه پوڻ جي ڪري آبپاشي جو پاڻي تمام اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.

## 4.4 جر جو پاڻي:

سنڌ جي زرعي آبادي وڌائڻ تي سنڌ جو جر وارو پاڻي ڪارو هجڻ تمام گهڻي رڪاوٽ بڻيل آهي. سنڌ جو جر جو تقريبن 80 سيڪڙو پاڻي لوڻياٺو ۽ ڪارو آهي ۽ فقط تقريبن 20 سيڪڙو ڪجهه مٺي پاڻي جي جر جا تهه ڦهيل آهن پر مسلسل 7 کان 8 سالن تائين پاڻي جي کوٽ برسات جي نه پوڻ ڪري جتي مٺو پاڻي زير زمين موجود هو اتي سنڌ جي زرعي آبادي جو دارومدار زير زمين جي پاڻي تي رهيو.

جڏهن ته مٺو پاڻي زير زمين سنڌو دريائن جي کاٻي پاسي موجود آهي ۽ جڏهن ته ڪجهه ٻين جڳهن تي مٺو پاڻي زير زمين ملي ٿو. سنڌ ۾ 30000 خانگي ۽ سرڪاري ٽيوب ويل زرعي آبادي لاءِ لڳايا ويا آهن. تمام گهڻا ٽيوب ويل لڳائڻ سان مٺي پاڻي جي جر کي خطرو ٿيندو ۽ ان سان گڏو گڏ زير زمين مٺو پاڻي کاري ۾ تبديل ٿيندو ۽ پڻ زرخيز زمينون ڪلرائيون ۽ بنجر ٿي وينديون.

موجود ه زير زمين پاڻي سطح تي تقريبن 5_1 ميٽر جي لڳ ڀڳ آهي ۽ جبل وارن علائقن ۾ ڪجهه وڌيڪ آهي پر درياءَ جي ڪچي واري ۽ ان جي ويجهڙائي واري علائقي ۾ زير زمين وسيع پاڻي موجود آهي ۽ هنن علائقن ۾ ڪجهه گهٽ اوچائي واري سطح تي زير زمين حاصل ڪري سگهجي ٿو.

## 4.5 پاڻي تائين پهچ:

سنڌ صوبي ۾ پاڻيءَ جي ڪجهه ڏهاڪن کان پاڻي جي کوٽ محسوس ڪئي وئي آهي. خاص طور تي آبپاشي جي نظام ۾ پاڻي جي کوٽ ۽ ان سان گڏو گڏ سم ۽ ڪلر ۾ واڌ آئي آهي. آبپاشي جي پاڻي جي رسد ۾ ڪئنال جي مهڙ کان زمينن تائين 40_30 سيڪڙو گهٽجي ٿي، ڇاڪاڻ ته سڄي ملڪ پر خاص طور تي سنڌ صوبي ۾ گهٽ مرمت ۽ گهٽ سار سنڀال جي ڪري آهي. پاڻي جو نقصان خاص طور واٽر ڪورس جي ڪمانڊ ايريا ۾ فصل جي آبادي گهٽ ٿيڻ جو سبب بڻجي ٿو ۽ ان سم ۽ ڪلر به وڌن ٿا. انهن علائقن ۾ ماحولياتي اثر به تمام گهڻا خراب ٿين ٿا جتي زير زمين پاڻي ڪارو آهي ۽ اتي آبپاشي جي پاڻي جي رسائي نٿي ٿي سگهي.

## 4.6 سم ۽ ڪلر:

سنڌ صوبي ۾ تمام وسيع آبپاشي نظام موجود آهي سندس زمين گهٽ سلوپ رکندڙ ۽ تمام گرم موسم رکندڙ آهي. ڪئنالن مان سيمي ۽ غلط طريقن جي آبپاشي جي استعمال جي ڪري سم ۽ ڪلر ۾ ڪافي زرخيز زمينون اڇي خراب ٿي ويون آهن، تنهن ڪري فصل واري آبادي گهٽجي پئي. فصل جي پيداوار وڌائڻ ۽ زمين جي زرخيزي کي برقرار رکڻ لاءِ جر جي سطح 3 ميٽر گهٽ هجڻ گهرجي. ٽيبل 5.5 ۾ سم ۽ ڪلر هيٺ آيل زمينون ڏيکاريل آهن ۽ ان سان گڏو گڏ پاڻي ڪوٽ جي ڪري سم ۽ ڪلر پڻ گهٽجي ويو.

ٽيبل نمبر 5.5

سم جي ليول (0 کان 5 فٽن تائين جي واٽر ٽيبل) جون مهينو

000 ايڪڙ

| صوبا | 1995 | 1996 | 1997 | 1998 | 1999 | 2000 | 2001 | 2002 | 2003 |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| پنجاب | 5 | 5 | 5 | 6 | 6 | 2 | 2 | 1 | 4 |
| سنڌ | 31 | 26 | 47 | 38 | 48 | 6 | 7 | 59 | 3 |

ذريعو: اسڪارپ مانيٽرنگ، واپڊا، لاهور.

ڊولپمينٽ اسٽيٽڪس پنجاب 2002 ۽ 2004 صفحو نمبر 36

ڊولپمينٽ اسٽيٽڪس سنڌ 2002 ۽ 2004 صفحو نمبر 69 ۽ 71.

## 5.7 پاڻي ۽ فصل وارا علائقا:

تاريخي طور تي آبادگارن کي فصلن جي گهرج کان گهٽ پاڻي ڏنو ويو آهي ۽ شروعات کان وٺي آبپاشي نظام جي پاڻي جي تقسيم وارا بندي جي طريقي سان ڪئي وئي آهي. تنهن ڪري پاڻي جي رسد مختلف فصلن جي پوکي مطابق ڪئي وئي آهي. جڏهن ته سنڌ جي زمين جي ورهاست ٽيمپريچر برسات ۽ گڏيل فصلن جي مطابق ڪئي وئي آهي ان موجب ئي پاڻي جي تقسيم جو تعين ڪيو ويو آهي. جڏهن ته سنڌو درياءَ جي ساڄي پاسي کي چانورن جو علائقو مقرر ڪيو ويو آهي. تنهن ڪري ان پاسي کي نان پرنيل پاڻي جي نظام هيٺ رکيو ويو آهي.

## باب پنجون
## پاڻي جي ورهاست جو نظام ۽ ادارتي سڌارا

### 5. پاڻي جي ورهاست جو نظام ۽ ادارتي سڌارا

هي حصو پاڻي جي شراڪتي نظام ۽ هاڻوڪن ادارتي سڌارن پاڻي جي انتظامن تي غور بابت آهي خاص طور تي وسپ سنڌ حڪومت آبپاشي ۽ سم جي سڌارن بابت تمام اهم قدم کنيا آهن. تمام وسيع مقصد جي تجويز ڏنل سڌارن جو مقصد اهو آهي ته پاڻي جي نظام ۾ آبادگارن ۽ ٻين واسطو رکندڙن ادارن کي ان ۾ حصو وٺڻ ۽ آبپاشي جي نظام کي گهرج مطابق منتقل ڪرڻ.

هنن سڌارن کي ٽئين سطحن تي جوڙيو ويو آهي:

1. سنڌ ايريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽي (سيڊا)
2. ايريا واٽر بورڊ، سيني 14 ڪئنالن تي جيڪي ٽن بئراجن مان نڪرن ٿا.
3. آبادگارن جون تنظيمون، جيڪي مائينر يا ڊسٽريبيوٽري جي هيڊ ريگيوليٽر کان وٺي انهن جي آخر تائين پاڻي جي برابر ورهاست ۽ انهن سان لاڳاپيل شين جي سار سنڀال ڪرڻ ۽ ان سان گڏوگڏ آبيانو اوڳاڙڻ جو ڪم ڪنديون ۽ واٽر ڪورس تنظيمون واٽر ڪورس جي سطح تي ٺاهيون ويون آهن ۽ ٺاهيون وينديون.

جيتوڻيڪ سڌارن جا مقصد اڪسائيندڙ ڏسجن ٿا ۽ ان سان گڏوگڏ سڌارن تي قدم صحيح طرف کنيا وڃن ٿا. وسيع طور سڌارن کي مان ڏيڻ جي بغير به سڌارن جو مقصد حاصل ڪري سگهجن ٿا ڇاڪاڻ ته سڌارن جا اثر خود ان کي صحيح جي طريقيڪار مان گذارن ٿا.

موجوده حالت ۾ گهٽ ۾ گهٽ چار اهڙا جزا (فورم) آهن جن تي مستقبل ۾ سڌارا ترقي ڪندا.

1. شراڪتي مضبوطي، لچڪدار ۽ ادارتي طور تي برابري نمائندگي.
2. شروعاتي طور اسا ٽن مک پراجيڪٽن آن فارم واٽر مئنيجمينٽ پراجيڪٽ، نيشنل ڊرينيج پروگرام ۽ ٻين پراجيڪٽن مان سبق سکيو آهي.
3. سيڊا سيني واٽر ڪورس ايسوسيئيشن، آبادگار بورڊ ۽ ايريا واٽر بورڊن جي سطح تي شراڪتي ۽ شفاف نظام گهري ٿو.
4. آبادگارن جي نمائندگي اي ڊبليو بي ۽ سيڊا اهڙي نسبت بنياد تي هجي جيڪا انهن جي پاڻي سان لاڳاپيل مسئلن جي اثرائتي بنيادن تي مدد ڪري سگهي.
5. آبادگارن کي اهڙا اختيار ڏنا وڃن ته جيئن پنهنجا فرض مڪمل طور تي نڀائي سگهن ۽ اي ڊبليو بي ۽ سيڊا جي ڪنهن به مدد جي بغير پاڻي جي ورهاست ۾ آبيانو اڳاڙڻ جا ڪم ڪري سگهن، تنهن ڪري هي قانوني تجويز گهري ٿو، جنهن جي مدد سان گهربل لاڀ حاصل ڪري سگهجي. آبادگارن جي تنظيمن تي اختيار ڏيڻ گهرجن جيڪي ايريا واٽر بورڊن جي خرچن جي مانيٽرنگ ڪن ڇاڪاڻ ته اهي 60 سيڪڙو آبيانو سيڊا کي ڏين ٿا.

آبادگارن جي شراڪت کي مدنظر رکندي اها اميد ڪري سگهجي ته آخرڪار پاڻي جي صحيح انتظام، پاڻي جي نظام حاصل ڪري سگهجي ٿو. ان مان وڌيڪ اها اميد ڪري سگهجي ٿي ته پاڻي جو بهتر استعمال ٿئي ۽ پاڻي ذخيرو به ڪري سگهجي. تنهن هوندي اهو نوٽ ڪرڻ گهرجي ته موجوده پاڻي جي تقسيم جو نظام سنڌ صوبي ۾ تمام غير برابري وارو آهي. انهيءَ لاءِ فصل جي ورهاست جي ڪري ڪڙمي غير محفوظ آهي. اهڙين حالتن هيٺ، آبادگارن تي شراڪتي ۽ شفاف تقسيم جي پڪ ڏئي ته جيئن ته تجويز ڏنل سڌارا برقرار رکي سگهن. واقعي ڏکيو محسوس ٿئي ٿو.

**سنڌ واٽر مئنيجمينٽ آرڊيننس 2002 ع جي مطابق هيٺيان حصا ٽئين ادارتي سطحن تي نمائندگي ڪن ٿا.**

### 5.8 واٽر ڪورس جي سطحن تي تنظيمون:

رسمي طور تي آبادگار پنهنجو پاڻ واٽر ڪورس تي پاڻي جي تقسيم ۽ سار سنڀال ڪن ٿا ڇاڪاڻ ته انهن سيني جي گڏيل زمين ان واٽر ڪورس تي آهي. ادارتي سڌارن جي ذريعي واٽر ڪورس جي سار سنڀال ۽ صحيح پاڻي جي تقسيم جو انتظام ڪرڻ ۽ ان سان گڏوگڏ آبپاشي نظام جو صحيح انتظام ڪرڻ آهي. انهيءَ لاءِ به تنظيمون هيٺين سطح تي SWMO 2002 جي مطابق جوڙيون ويون آهن ۽ جوڙيون وينديون.

### 5.9 آبادگار تنظيم (ايف او)

آبادگارجون تنظيمون ڊسٽبيوٽريز ۽ مائينر سطح تي ٺاهيون ويون آهن ۽ پڻ ٺاهيون آهن پر جيڪڏهن گهٽ ۾ گهٽ ٻه پاڱي تي ايف او جي ڪمانڊ ايريا واٽر ڪورس ايسوسيئيشن جي ڊبليو سي اي ايس جي هيٺ اندر اچي ٿي. جنرل باڊي فارمر آرگنائيزيشن مشتمل ٿئي ٿي ته هڪ هڪ نمائندو هر هڪ واٽر ڪورس ايسوسيئيشن مان ۽ DBGBF جا نمائنده ساڳي مائينر ڊسٽربيوٽري جي فارمر آرگنائيزيشن مان چونڊيا ويندا. گهٽ ۾ گهٽ جنرل باڊي جي ميمبرن جو تعداد 21 ۽ جيڪڏهن ڊبليو سي اي ۽ ڊي بي جي- جي ميمبرن جو تعداد 21 کان گهٽ آهي ۽ پوءِ اهي برابر نمائندن جو تعداد جنرل باڊي لاءِ چونڊيندا جيئن اها گهٽ ۾ گهٽ 21 ميمبرن تي مشتمل هجي ايف او جي بناوٽ ۽ ڊسٽريبيوٽري/ مائينر جي انتظام جي منتقلي ايف او ڏانهن جيڪو هڪ بنيادي قدم منتقلي گورنمينٽ آبپاشي کاتي جي نظام آبادگارن ڏانهن. ايف او ذميوار هوندي مائينر/ ڊسٽريبيوٽري جي سار ۽ سنڀال لاءِ ۽ پڻ آبياني ڊرينيج سيس اڳاڙڻ لاءِ ۽ گڏوگڏ پاڻي جي صحيح تقسيم ڪرڻ ايف او جي ذميواري هوندي ۽ ان کان علاوه Flood Possessing Works ڊرينيج ۽ سيوريج نظام ايف او جي حوالي ڪيو ويندو.

### 5.10 ايريا واٽر بورڊ (اي ڊبليو بي):

ايريا واٽر بورڊ مين ڪئنالن تي جوڙيو ويجي ٿو ان جو ڪم آهي ته زمين ڪئنال جي منڍ کان آخر تائين پاڻي جي صحيح تقسيم ڪرڻ، ڪئنال ۽ ان سان لاڳاپيل شين جي مرمت ۽ سار سنڀال ڪرڻ. ان سان گڏوگڏ ڊرينيج نظام جيڪو ان جي ڪمانڊ ايريا ۾ اچي ٿو ان جي مرمت ۽ سار سنڀال ڪرڻ ۽ پڻ پنهنجي حصي جو آبيانو گڏ ڪرڻ، جيڪو سندس ايف او مان جمع ڪرايو ٿو وڃي. ايريا واٽر بورڊ چيئرمين 12 ميمبرن تي مشتمل آهي ۽ ڊائريڪٽر ايريا واٽر بورڊ جو سيڪريٽري هوندو.

### 5.11 سنڌ ايريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽي (سيڊا)

هن آرگنائيزيشن جو ڪم آهي ته اها سڄي صوبي جي آبپاشي ۽ ڊرينيج جي نظام جي سار سنڀال ڪري.

**سيڊا جي جوڙجڪ هيٺين ريت آهي:**

(الف) چار نمائنده سنڌ سرڪار مان نامزد ڪيا ويا آهن ان سان گڏ چيئرمين ۽ چار تعليمي ادارن جا نمائندا.

(ب) پنج چونڊيل ميمبر- هڪ ايف او زهڪ گڊو ۽ ڪوٽڙي بئراج جي ايف او مان ۽ جڏهن ته 3 سکر بئراج جي ايف او مان

(ج) اهم سرڪاري عملدار جيئن ته ايڊيشنل چيف سيڪريٽري (ڊولپمينٽ) آبپاشي ۽ بجلي، ايگريڪلچر ۽ فنانس کاتي جا سيڪريٽري، پراوينشل ڪو آرڊينيٽر اين ڊي پي ۽ ايم ڊي- سيڊا.

سيڊا سنڌ جي ٽنهي بئراجن جي آپريشن ۽ مينٽيننس جو ڪم سار سنڀال ڪندي ۽ ان سان گڏوگڏ مک ڊرينيج سسٽم جو به خيال رکندي.

### 5.12 واٽر الوڪيشنز ڪاميٽي

هڪ تمام اهم آرڊيننس جي پهلوئن مان هڪ واٽر الوڪيشنز ڪاميٽي به آهي جيڪا سيڊا، اي ڊبليو بي ۽ ايف او سطح تائين جوڙي ويندي. هي ڪاميٽيون پاڻي جي ورهاست جو ڪم ڪنديون، جنهن کي تمام اهم پهلوئي نظام جو چئي سگهجي ٿو.

### 5.13 ادارتي سڌارن جي موجوده صورتحال

سنڌ واٽر مينيجمينٽ آرڊيننس نظام هيٺ سنڌ صوبي ۾ سنڌ اريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي قائم ٿي چڪي آهي، جيڪا اڃا تائين پنهنجي شروعاتي مرحلي ۾ آهي ۽ ڪمزور هجڻ سبب اڃان تائين ٽيڪنيڪي بنيادن تي اريگيشن اينڊ پاور ڊپارٽمينٽ تي ڀاڙي رهي آهي. وسپ هيٺ سيڊا ۾ اندر به سڌارن جي ان ترقي ۽ بين شين ۾ پاڻپرو ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ويندي. سيڊا ۾ موجود انوائرونمينٽل مئنيجمينٽ يونٽ کي هن پراجيڪٽ هيٺ وڌيڪ هٿي وٺرائي ويندي. سپ کان وڌيڪ زور آبادگار تنظيمون ٺاهڻ ۽ ان کي مضبوط بنائڻ تي ڏنو پيو وڃي. سيڊا جي آگسٽ 2006 ع واري ماهوار بليٽن موجب هن وقت تائين ٽنهي ايريا واٽر بورڊن ۾ 213 آبادگار تنظيمون جڙي راس ٿي چڪيون آهن.

هن وقت تائين سپ کان وڌيڪ آبادگار تنظيمون نارا ڪئنال ايريا واٽر بورڊ ۾ 141 ٺهيون آهن. سنڌ آن فارم واٽر مئنيجمينٽ ۽ قومي پروگرام هيٺ هن وقت به آبادگار تنظيمن کي وڌيڪ سگهارو بڻايو پيو وڃي. اندازو آهي ته ٽنهي ايريا واٽر بورڊن جي سيني مائينرن تي آبادگار تنظيمون جوڙيون وينديون. وسپ ايف اوز کي پاڻ پرو ڪرڻ ۽ انهن کي پلاننگ ۽ ڊزائيننگ جي ڪم ڪار ۾ شامل ڪرڻ کي هٿي ڏيندي.

**آبيانو ۽ اوڳاڙي:**

سنڌ ۾ هن وقت آبياني جي اوڳاڙي جو اندازو پاڻي جي مقدار ۽ آبادي هيٺ ايندڙ زمين جي ايراضي سان لڳايو ويندو آهي. ان ڪانسواءِ آبپاشي نظام جي مرمت ۽ سار انڀال تي ايندڙ خرچ کي به نظر ۾ رکي آبياني جو حساب ڪتاب ٺاهيو ويندو آهي. هن وقت آبپاشي نظام ۾ آبياني جي اوڳاڙي گهٽ ۽ ان تي ايندڙ خرچ تمام وڌيڪ آهي. جڏهن ته آبياني ڪان وٺي نظام جي بحالي جي ڪمن ۾ به آبادگارن جي عدم شرڪت سبب مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن. پاڻ: جي وقت سر ۽ پوڇڙ ۾ رسد نه ٿيڻ سبب هاڻي آبادگارن ڪان آبياني جي اوڳاڙي ڪرڻ به ممڪن نه رهيو آهي. ان سلسلي ۾ آبادگارن ۽ آبپاشي کاتي ۾ اختلاف اڪثر ڪري ٿيندا رهندا آهن.

هاڻي ادارتي سڌارن ذريعي جڏهن سڄو نظام ئي آبادگارن حوالي ڪيو ويندو ته آبارگار تنظيمن لاءِ انهن ڪان آبيانو اوڳاڙڻ آسان ٿي پوندو ۽ آبادگار پنهنجي ئي ان گڏ ڪيل رقم مان نظام جي مرمت ۽ سارسنڀال به ڪري سگهندا.

**سنڌ ۾ ايف او فارميشن اينڊ مئنيجمينٽ ٽرانسفر**

| نمبر شمار | ايريا واٽر بورڊ | ٽوٽل آبادگار تنظيمون | رجسٽرڊ ٿيل آبادگار تنظيمون | آءِ ڊي ايم ٽي تي صحيح ٿيل |
|---|---|---|---|---|
| | **گڊو بئراج** | | | |
| 1 | بيگاري سنڌ فيڊر | 85 | 0 | 0 |
| 2 | ڊيزرٽ پٽ فيڊر | 45 | 0 | 0 |
| 3 | گهوٽڪي فيڊر ڪئنال | 49 | 17 | 12 |
| | **سکر بئراج** | | | |
| 4 | نارا ڪئنال ايريا واٽر بورڊ | 170 | 162 | 141 |
| 5 | ويسٽرن ڪئنال ايريا واٽر بورڊ (دادو 111 + رائيس 72) | 183 | 0 | 0 |
| 6 | خيرپور اريگيشن سرڪل (ايسٽ اينڊ ويسٽ فيڊر ڪئنال) | 123 | 2 | 0 |
| 7 | روهڙي ڪنئال سرڪل | 283 | 7 | 0 |
| | **ڪوٽڙي بئراج** | | | |
| 8 | ليفٽ بينڪ ڪئنال اريا واٽر بورڊ (قليلي 75 +اڪرم واهه 48) | 105 | 24 | 22 |
| 9 | ڪلري بگهاڙ فيڊر سرڪل | 110 | 0 | 0 |
| 10 | پنجاري سرڪل | 113 | 0 | 0 |
| | **ٻيا** | | | |
| | لفٽ اريگيشن رور انڊس | 1 | 1 | 0 |
| | **ٽوٽل ( 14 ڪئنال)** | 1312 | 213 | 175 |

ذريعو: سيڊا ماهوار بليٽن، آگسٽ 2006

## 5.14 وسپ سان لاڳاپيل موجوده مسئلا

موجوده نون قانون، پاليسي ۽ ادارتي سڌارن جي بنياد تي ڪافي مسئلا آهن جيڪي وسپ قائم ٿيڻ تي اثر وجهن. هي بنيادي طور تي وسپ جي عملي لاءِ ذهن ۾ رکيا وڃن.

لاڳاپيل مسئلا هيٺ ڏنا وڃن ٿا:

### 5.14.1 گهٽ ڄاڻ ۽ سجاڳي

- تمام گهڻا آبادگار مڪمل طور تي فارمر آرگنائيزيشن جي بناوٽ ۽ ان جي ڪمن ڪان بي خبر آهن.

- ڊسٽريبيوٽرن ۽ مائينرن جي آبادگار منتقلي بابت آبپاشي ملازم بہ گھٽي جاڻ نہ ٿا رکن.
- سنڌ ايريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽي ۽ ايريا واٽر بورڊس ۾ پنهنجي پنهنجي ذميواري ۾ تمام گھٽ سمجھوتو آهي.
- اهو اجا تائين واضح نہ ٿي سگھيو آهي ڊسٽريبيوٽر ۽ مائينرن جي هيڊ ريگيوليٽن جي مرمت ۽ سار سنڀال لاءِ اي ڊبليو بي ايف ۽ ايف اوز مان اصل ذميوار ڪير آهي
- سجي ڪئنال تي پاڻي جي تعمير يا ورهاست لاءِ تمام گھٽ وضاحت آهي.

**نتيجا**

فارمر آرگنائيزيشن ۽ هاري عام طور تي پابندي سان وارا بندي سسٽم متعين نہ ٿا ڪن ۽ ان سان لاڳاپيل تبديليون انهيءَ لاءِ پاڻي جي انتظام جي نظام گھرج جي بنياد تي هلي ٿو جيڪڏهن اهو رسد جي بنياد تي ٿيڻ گھرجي ۽ ان سان گڏو گڏ آبادگارن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ ڪي بنيادي طور تي غور ڪرڻ گھرجي.

### 5.14.2 تحفظات

ايف او جي ميمبرن سان تفصيلي بحث ۽ مباحثي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اهي خودمختيار نہ آهن آبيانو اوڳاڙڻ آبادگارن کان انهيءَ لاءِ ڪجھ آبادگار آبيانو نہ ٿا ڏين. تنهن ڪري ايف اوز کي آبيانو اڳاڙڻ لاءِ مڪمل طور قانون اختيار ڏنا وڃن. تنهن ڪري آبياني جي صحيح اوڳاڙ هلي ڪري ڪجھ مسئلا پيدا ڪندي جنهن جي ڪري ايف اوز ۽ آرگنائيزيشن جي جدوجهد تي اثر پوندا.

**نتيجا**

- ٽيڪنيڪل تربيت مائينر جي مرمت ۽ سار سنڀال جي لاءِ فارمر آرگنائيزيشن کي نہ ڏنيون ويون جيڪي فارمرز مطابق ڏيڻيون آهن
- آبادگارن يا فارمر آرگنائيزيشن کي آبيانو اوڳاڙڻ جي تربيت ڏيڻ گھرجي جيئن تہ اجا تائين آبدار آبپاشي يا سيڊا جا ملازم فصل جو تجزيو ڪن ٿا. ان ڪري ايف او جي اختيارن تي غير مثبت اثرات پون ٿا.
- ايف او کي مئجسٽريٽ اختيار ڏيڻ گھرجن آبيانو اوڳاڙڻ لاءِ جڏهن تہ مئجسٽريٽ اختيار نہ ئي سيڊا جي ملازمن ۽ اي ڊبليو بي جي ملازمن کي ڏنل آهن فقط روينيو جي ملازمن کي آهن.
- آبادگار ۽ ٻين مختلف پاڻي سان واسطو رکندڙن سان بحث ۽ مباحثي مان شروعاتي طور تي ظاهر ٿئي ٿو تہ آبپاشي نظام تمام گھٽ شفاف آهن. هن موجوده وقت ۾ حڪومت جي طرفان پاڻي جي سڌارن ۾ واٽر الوڪيشن ڪاميٽيز. سيڊا. اي ڊبليو بي. ايف او جوڙيون ويينديون. جنهن ۾ آبادگارن جي وڌ مان وڌ شراڪت هئڻ گھرجي. تنهنڪري عملي طور تي آبادگارن جا اعتراض ڏيکارڻ ڪجھ سبب پاڻي جي گھٽ شفاف تقسيم ۽ مسلسل رڪاوٽ ۽ سخت ڏمڪي برقرار رکڻ ۾.

### 5.14.3 نمائندگي

- آبادگارن جي نمائندگي ايريا واٽر بورڊ ۾ گھٽ سمجھي وڃي ٿي.
- ساڳي طرح سيڊا ۾ جڏهن تہ 5 نمائندا ان جي باڊي ۾ جڏهن تہ ان جا 16 ميمبر آهن. ان جو مقصد تہ سيڊا بورڊ گڏجاڻي ڪري سگھي ٿي بغير ڪنهن ايف او جي نمائندي حاضر هجڻ جي. ساڳي طرح 11 ٻيا ميمبر ايف او جي نمائندن جي مخالفت ڪري سگھن ٿا.
- آبادگارن جي چونڊ ايف او جي ميمبر شپ لاءِ نامينيشن يا سليڪشن جي بنيادن تي ٿيندي آهي پر اليڪشن جي بنياد تي ادارتي سڌارن جي گھرج مطابق ٿيڻ گھرجن.
- هن وقت ڊبليو سي اي ايس ۽ ايف او جي سطح تي آبادگارن ۽ عورتن جي نمائندگي جي پڪ لاءِ اهڙو ڪو بہ اهڙو بندوبست نہ آهي.

**نتيجا**

هارين ۽ عورتن جي ايف اوز. ايريا واٽر بورڊ ۽ سيڊا جي سطح تائين نمائندگي هجڻ جي گھرج آهي.

### 5.14.4 فارمر آرگنائيزيشن جو ڪردار ۽ اثر

- ادارتي تبديليون آبپاشي جي نظام ۾ تمام آهستي ٿي رهيون آهن. هن وقت آبادگار تنظيمن جي بناوت اثرائتي طور تي نه صرف نارا ڪئنال ڪمانڊ ايريا ۾ آهي. جڏهن ته ان گهڻو حصو وچولي درجي جي آبادگارن جو آهي.
- آبادگار تنظيمن کي مڪمل اختيار ڏنا وڃن ته جيئن اهي مضبوط ٿي سگهن. ان مان آبادگار تنظيمن جي ڪارڪردگي کي معلوم ڪري سگهجي ٿي.
- بحث ۽ مباحثن تحت عورتن جي نمائندگي ڊبليو سي اي ۽ ايف او جي سطح تي معلوم ڪري سگهجي ٿي ۽ جڏهن ته ڪا به ثقافتي رڪاوٽ نظر نه اچي رهي آهي.
- موجوده وقت ۾ سنيون آبادگار تنظيمون آبيانو صحيح نموني اوڳاڙي رهيون آهن. تنهن هوندي اهو مشاهدو ڪيو ويو آهي ته اهي فقط 60 سيڪڙو آبيانو اوڳاڙين ٿيون. جيڪو سيدا آرڊيننس 2002 جي ايگريمينٽ جي مطابق سيدا وٽ جمع ڪرائين ٿيون. باقي بچيل 40 سيڪڙو آبيانو پنهنجن مائينر/ ڊسٽريبيوٽرين جي مرمت ۽ سار سنڀال تي خرچ ڪرڻو آهي پر اهو اوڳاڙي نه سگهيون آهن. جيڪڏهن آرڊيننس ۾ ڪٿي به لکيل نه آهي ته 40 ايف اوز مائينر ۽ ڊسٽريبوٽري جي مرمت، سار سنڀال ۽ آفيس جي اسٽاف لاءِ خرچ ڪجي يا نه. پر ان ۾ واضح ٿيل آهي ته 60 سيڪڙو آبيانو جو هر هڪ ايف او کي اي ڊبليو بي کي ڏيڻو آهي. بيو ته آبادگارن اهي خدشات ظاهر ڪيا آهن ته متان 40 سيڪڙو ۾ گهٽتائي آندي وئي ته پوءِ ايف اوز صحيح نموني سان مائينر يا ڊسٽريبيوٽريز جو انتظام نه هلائي سگهنديون.

**نتيجا**

- ايف اوز جي صلاحيت کي سڌارڻ لاءِ ڪهڙا اپاءُ ورتا وڃن جيئن مائينر يا ڊسٽريبيوٽريز ۽ واٽر ڪورسn جي مرمت ۽ سار سنڀال ڪري صحيح نموني ڪري سگهي.
- شروعاتي طور تي عورتن ۽ آبادگارن جي فارمر آرگنائيزيشن ۾ نمائندگي جي برابري پڪ ڏئي ٿي. فارمر آرگنائيزيشن سٺي نموني سماجي اڪساءُ ڪري سگهي ٿي. اهو تمام سٺو ٿيندو ته فارمر آرگنائيزيشن جي ڪائونسل کي اختيار ڏجن. غير سرڪار تنظيمون سٺي نموني ڪردار نڀائي سگهن ٿيون.

### 5.14.5 زميندار ۽ مقعطيدارن جي وچ تعلقات:

آبادگار تنظيمن ۾ گهٽ زمين رکندڙ آبادگارن جي شرڪت گهٽ آهي ۽ ان مسئلي جو اهم سبب سماجي جاڳرتا نه هجڻ آهي. تنهن ڪري ان کي تيز ڪرڻ گهرجي. خاص طور تي ننڍن آبادگارن ۽ هارين کي جاڻ ڏيڻ گهرجي..

**نتيجا:**

واضح طور تي صاف ظاهر آهي ته آبپاشي جي نظام جي سڌارن لاءِ تربيت ضروري آهي. جيستائين آبادگارن جي گهڻي شرڪت جي پڪ نه ڏني ويندي تيستائين نظام شفاف ٿي نه سگهندو. جيستائين زميندارن ۽ سندن هارين ۾ تعلقات سٺا نه ٿيندا تيستائين صحيح پيداوار حاصل ڪري نه سگهبي.

## باب ڇهون
## ماحولياتي جائزي جو تت

### 6. ماحولياتي جائزي جو تت

### 6.1 وسپ پراجيڪٽ جا اهم حصا:

**وسپ پراجيڪٽ جا هيٺيان حصا تمام اهم آهن**

(الف) پاڻي جي انتظام جي ادارن ۽ تنظيمن يعني گڏوگڏ سيڊا اي ڊبليو بي ۽ ايف او جي تربيت ۽ سماجي جاڳرتا

(ب) آبپاشي ۽ ڊرينيج جي انفرا اسٽرڪچر جي مرمت جو ڪم.

(ج) پروجيڪٽ جي انتظام جو جائزو ۽ ريسرچ اسٽڊيز

### 6.2 پراجيڪٽ جون امڪاني رڪاوٽون:

وسپ پروجيڪٽ هيٺ ٽي ٽئي ايريا واٽر بورڊ يعني گهوٽڪي، نارا ۽ (ڦليلي ۽ اڪرم) ڪئنال يعني ليفٽ بئنڪ ڪئنالز

**پروجيڪٽ ۾ هيٺيان ڪم ڪرائڻا آهن:**

(الف) مين ڪئنالن جي مرمت ۽ اڪرم واهه کي پڪو ڪرڻ

(ب) وڏين ۽ ننڍين شاخن جي مرمت

(ج) ڪجهه وڏين ۽ ننڍين شاخن کي پڪو ڪرڻ

(د) آئوٽ ليٽن جي نئين سر تعمير ۽ لفٽ اسڪيم جي مرمت ۽ تعمير، مائينر يا ڊسٽريبيوٽريز مين ڪئنالن يا برانچ ڪئنالن جي تعمير ڪرڻ، مرمت ۽ نئين تعميراتي ڪم يعني زميني ڪم، کاٽي ۽ ڪنڪريٽ شامل آهي. انهن جي اثرات کي گهٽائڻ لاءِ تدابيرون هيٺ ڏجن ٿيون.

### 6.3 تعميراتي ڪم دوران پوندڙ اثر

هر پراجيڪٽ جا ان جي تعميراتي ڪم دوران ماحوليات تي ڪجهه اثر ضرور پوندا آهن پر هن پراجيڪٽ جي ڪي خراب اثر نہ پوندا، ڪجهه پوندڙ اثرن جو جائزو هن ريت آهي:

**(الف) گاڏين جي چرپر:**

- تعميرات جي ڪم ڪري گاڏين جي اچڻ ۽ وڃڻ ۽ پڻ مشينن جي ڪم ڪرڻ جي زمين خراب ٿي ۽ فصلن کي نقصان پهچي ٿو. ان ڪري ماحولياتي اثرات ٿين ٿا.
- فصلن جي آبادي واري ايراضي کان گاڏين جي اچڻ ۽ وڃڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

**(ب) ڪئنالن جي کاٽي دوران نڪتل مٽي:**

- ڪئنالن جي کاٽي دوران نڪتل مٽيءَ کي بندن سنوت، سڌار ۽ مرمت لاءِ ڪتب آڻي سگهجي ٿو. گڏوگڏ اها مٽي ٻئي ڪم ۾ اچي سگهي ٿي.
- کاٽي دوران نڪتل مٽي زرخيز هئڻ سبب زمينن ۾ فصلن جي سٺي اپت لاءِ ڪتب اچي سگهي ٿي.

**(ج) دز جي گدلاڻ:**

- مٽي جي دز جا تمام خراب اثرات ڪم ڪندڙ مزدورن ۽ آس پاس جي ڳوٺاڻن تي پئجي سگهن ٿا.
- دز جي گدلاڻ کي ختم ڪرڻ لاءِ رستن تي پاڻي جو ڇنڊڪار ڪرڻ گهرجي. اهي رستا گاڏيءَ جي اچ وڄ لاءِ استعمال ڪري سگهجن ٿا.

**(د) گوڙ ۽ گمسان جي گدلاڻ:**

تعميراتي ۽ مرمت جي لاءِ استعمال ٿيندڙ مشينن ۽ ٻين گاڏين جو آواز ۽ گوڙ ۽ گمسان مقرر حد کان وڌي وڃي تہ ان مان ماحولياتي طور خراب اثر پون ٿا.

**(هه) ڪم ڪندڙن جون ڪيمپون:**

- پراجيڪٽ تي ڪم ڪندڙ جي لڳل ڪيمپن ۾ گاڏين جي سروس، تيل مٽائڻ ۽ ٻي صفائي سبب اتي جي زمين خراب ٿئي ٿي، پاڻي ۽ هوا ۾ گدلاڻ شامل ٿئي ٿي جنهن ڀه ماحول تي وچولي درجي جا خراب اثر پون ٿا پر اهي عارضي هوندا آهن.
- خراب ماحولياتي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ ٽريٽمينٽ پلانٽ لڳائڻ گهرجن. رستن تي پاڻي ڇنڪار ڪرڻ گهرجي ته جيئن گندگي گهٽ ٿي سگهي.

(و) بندن ۾ پئجي ويندڙ ڏار يا ڪڏا

بندن جي مرمت ۽ تعمير دوران انهن ۾ وڏا ڏار ۽ ڪڏا پئجي وڃن ٿا ۽ پاڻي سيمو ڪري بندن کي نقصان رسائي ٿو ۽ پر پاسي جي زمين ۾ سم ۽ ڪلر پيدا ٿين ٿا. انهن ماحولياتي اثرن کي گهٽائڻ جي سخت ضرورت آهي ان لاءِ پراجيڪٽ دوران اهم قدم کنيا وڃن.

- بندن ۾ سيمي واريون جڳهون بند ڪرڻ گهرجن ته جيئن ماحولياتي اثر نه پون.

(ز) ٻوٽن ۽ جاندارن کي پوندڙ نقصان

- بندن جي تعمير ۽ مرمت دوران يا پراجيڪٽ ڪيمپن ۾ ٿيندڙ گدلاڻ سبب اتي موجود آبي جيوت، ٻوٽن ۽ ٻين جاندارن جي رهائشگاهن، کاڌ خوراڪ جي ذريعن ۽ زندگيءَ تي خراب اثر پون ٿا.
- جاندارن جي بچاءَ لاءِ اڳواٽ اهم قدم کڻڻ گهرجن ته جيئن تعميراتي ڪم دوران انهن کي ڪو نقصان نه پوي. پراجيڪٽ مڪمل ٿيڻ بعد علائقي ۾ وڻڪاري ڪرڻ گهرجي.
- گاڏين جي آواز ۽ اچ وڃ سبب به جاندارن جي رهائشگاهن تي خراب اثر پوي ٿو.
- پراجيڪٽ جو ڪم صرف ڏينهن جو ڪرڻ گهرجي، رات جو گاڏين جي چرپر تي به بندش هجي. ان سان جاندارن جي ماحول کي بچائي سگهجي ٿو.

## 6.4 تعميراتي ڪم مڪمل ٿيڻ بعد پوندڙ اثر

### 6.4.1 تعميراتي ڪم مڪمل ٿيڻ بعد پوندڙ اثرن جو جائزو هن ريت آهي:

**فزيڪل انوائرونمينٽ**

(الف) پاڻيءَ جا ذريعا:

1. شاخن کي پڪي ڪرڻ سان پاڻيءَ جي مقدار ۾ اضافو ٿيندو ۽ بندن جي حالت به سڌرندي. بندن مان سيمو گهٽ ٿيندو پاڻي بچڻ سبب پڇڙيءَ واري آبادگارن کي فائدو رسندو.
2. جرجي پاڻيءَ جي سطح هميشه آبپاشي واهن مان ٿيندڙ سيمي سبب مٿي ٿيندي رهي ٿي. ان سطح کي تمام گهٽي حد تائين گهٽائڻ صحيح نه رهندو. شاخن کي وڌيڪ پڪو ڪرڻ سان اها سطح هيٺ لهي سگهي ٿي. سائنسي طريقا اختيار ڪندي اهڙا قدم کڻجن ته جيئن جر جو پاڻي گهڻو هيٺ لهي نه وڃي.
3. فصل وڌيڪ ۽ بهتر ٿيڻ سبب فصلن تي جيت مار دوائن جو استعمال وڌي ويندو آهي پر پاڻيءَ جي وڌيڪ موجودگي ان سان لاڳاپيل ناهي.

(ب) پاڻيءَ جو مٺانهون وهڪرو:

پراجيڪٽ جي تعميراتي ڪم سبب پاڻي جي مٺاڄري وهڪري تي ڪي به اثر نه پوندا.

(ج) سيمو ۽ ڍنڍن تي پوندڙ اثر:

شاخن جي پڪي ٿيڻ سان ڍنڍون سيمي سبب ڀيهر ڀرجي نه سگهنديون. پر هن پراجيڪٽ جي ايريا ۾ ڪا به اهڙي ڍنڍ ناهي جنهن تي اهڙا اثر پون.

(د) زمين جو مٿيون تهه:

1. ڪلراٺي زمين وسپ پراجيڪٽ جي ڪري صحيح ٿي ويندي. ان پراجيڪٽ جا اهڙي زمين تي بهتر اثر پوندا.
2. شاخون پڪيون ٿيڻ سبب بندن جي کاڌ گهٽجي ويندي ۽ ان جا ماحولياتي اثر به گهٽ ٿيندا.
3. واهن جي کاٽيءَ ذريعي نڪتل مٽي ۽ ڪچرو صحيح جڳهه تي منتقل نه ڪيو ويو ته ان جا ماحول تي خراب اثر پوندا.

**تدبيري قدم:**

- ڪاٽيءَ ذريعي نڪتل مٽيءَ زرعي زمين ۾ منتقل ڪرڻ گهرجي.
- شاخن جو تعميراتي ڪم بندن تي ڪرڻ گهرجي نه ڪي شاخ اندر سامان رکڻ گهرجي.
- بندن جي پاسي ۾ گڏ ٿيل مٽي جي ليول ڪرڻ گهرجي.

(هه) **بندن جي پرائي ۽ تعميراتي ڪم لاءِ ڪنيل کڏون:**

واهن ۽ شاخن جي تعمير ۽ مرمت لاءِ ضرورت پوڻ تي کڏون بندن کان ڪجهه پاسي تي کٽڻ گهرجن. مک ڪئنالن ننڍين وڏين شاخن جي مرمت ۽ ٻين سرگرمين ڪي سنڌ سرڪار جي آبپاشي کاتي جي معيار مطابق ڪرڻ گهرجي.

(و) **عارضي طور واهن يا شاخن جي رخ ڪي موڙڻ:**

شاخن جي تعميراتي ڪم دوران عارضي طور شاخن ڪي موڙڻ گهرجي ته جيئن پاڻي جي رسد جاري رهي. تعميراتي ڪم مڪمل ٿيڻ بعد ٺيڪيدارن ڪي گهرجي ته ڪم سبب خراب ٿيل زمين جي ليول ڪري اتي وٽڪاري ڪن.

(ز) **زمين جي زرخيزي:**

شاخن جي ڪاٽي مان نڪتل مٽي زمين ۾ وجهڻ سان انهن ۾ زرخيزي پيدا ٿيندي ۽ فصلن جي پيداوار بهتر ٿيندي.

(ح) **موسم:**

هن پراجيڪٽ جي ڪري موسم تي ڪي به اثر نه پوندا.

**بائيولاجيڪل انوائرونمينٽ :**

(الف) **جاندار:**

1. پکين ۽ انهن جي رهائشگاهن تي پراجيڪٽ جي ڪم سبب ڪي به ماحولياتي اثر نه پوندا.
2. ڪيرڊينڊڙ جانورن تي به ڪي ماحولياتي اثر نه پوندا. ڇاڪاڻ جو تعميراتي ڪم محدود حد تائين ئي آهن.
3. ريڙهيون پائيندڙ جاندار به هن پراجيڪٽ جي منفي اثرن کان محفوظ رهندا.
4. پراجيڪٽ سبب آبي جيوت يا مڇي تي به ڪي ماحولياتي اثر نه پوندا.

(ب) **پوٽا/ وڻ:**

ممڪن آهي ته تعميراتي ڪم دوران ڪجهه وڻن ڪي ڪٽيو يا ختم ڪيو وڃي پر انهن لاءِ تدبيري قدم کنيا ويندا. اهو لازم ڪيو ويندو ته وڻ ڪٽجڻ جي صورت ۾ ان جڳهه تي نئين سر وٽڪاري ڪئي وڃي.

(ج) **جاندارن جون قدرتي رهائشگاهون:**

پراجيڪٽ ايريا اندر جاندارن ڪي خاص رهائشگاهون نٿيون اچن. پر جيڪڏهن ڪا به اهڙي حساس ايريا معلوم ٿي ته پوءِ ان لاءِ ماحولياتي تدبيرون اختيار ڪيون وينديون.

6.5 **ماحولياتي انتظامي پلان ۽ سفارشون:**

پراجيڪٽ جي تعميراتي ۽ مرمت جي ڪمن دوران ماحولياتي مسئلن ڪي صحيح نموني حل ڪرڻ ۽ انهن جو وڌ ۾ وڌ خيال ڪرڻ اهم آهي. ماحولياتي انتظامي پلان هن پراجيڪٽ جو خاص حصو آهي. ان پلان تي عمل درآمد لاءِ مختلف ادارن ڪي ذميواري سونپي وئي آهي. پراجيڪٽ جي تعميراتي ۽ مرمت جي ڪمن جا ماحول تي خراب اثر پوندا. اهو پراجيڪٽ مجموعي طور تي وڏو فائديمند آهي. ان باوجود به ماحوليات جي بهتري لاءِ سفارشون هيٺين ٽيبل ۾ ڏنيون ويون آهن.

## ماحولياتي اثرن ۽ انهن کي گهٽائڻ جون تدبيرون

| نمبر شمار | اثرن جو ذريعو | اثرن جي سگهه | تدبيرون | ذميواريون | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | عمل ڪرائيندڙ | سار سنڀال | مشاهدو |
| | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 |
| 1 | مک ڪئنالن ۽ برانچ ڪئنالن جي مرمت | 1. واهن ۽ شاخن جي ڪاٽي صحيح نموني نہ ٿيڻ<br>2. شاخن ۽ بندن جي مرمت لاءِ پاسن مان مٽي ڪڍڻ سبب پيدا ٿيل کڏن جي صحيح نموني سنوت نہ ٿيڻ ڪري اهي مڇرن ۽ ٻين جيتن جي آماجگاهہ بنجن ٿا ۽ ان سان زمين خراب ٿئي ٿي.<br>3. پاڻي جي وهڪري ۾ رڪاوٽ بنجندڙ وڻ ڪٽڻ.<br>4. بحالي جي ڪم دوران اڏامندڙ دز، مٽي مشينري مان نڪرندڙ تيل ۽ ٻي گندگي.<br>5. مٽين ۽ جرجي پاڻي ۾ ايندڙ تبديلي.<br>6. زمين جي زرعي اپت تي ايندڙ تبديلي.<br>7. ڍنڍن ۽ ڍورن ۾ ايندڙ تبديلي.<br>8. آبي ۽ جهنگلي جيوت تي ايندڙ تبديلي.. | 1. مرمتي ڪم دوران نڪرندڙ خراب مٽيءَ جو ڪم جي اهم حصي طور تدارڪ ڪيو وڃي.<br>2. کڏن جي سنوت ڪئي وڃي.<br>3. ٽيڪن جي بدنگ ڊاڪيومينٽ ناهڻ وقت ان ۾ ڪاٽيءَ دوران نڪرندڙ مٽي جي تدارڪ، گوڙ گهمسان نہ ٿيڻ، ماحوليات جي خراب نہ ٿيڻ جهڙين شيون ان ۾ شامل ڪرڻ گهرجن.<br>4. وڻن جي ڪٽائي جي صورت ۾ يا ماحول جي بهتري لاءِ وڻڪاري ڪرڻ کي اهميت ڏني وڃي.<br>5. زمين جي زرعي اپت وڌيڪ بنائڻ، ڍنڍن ڍورن جي گدلي نہ ٿيڻ کي بہ يقيني بڻايو وڃي. | پراجيڪٽ امپليمينٽيشن ڪنسلٽنٽ سيني سب پراجيڪٽن جي نگراني ڪندا ۽ انوائرونمينٽل مئنيجمينٽ پلان جوڙيندا، پوءِ انهن جي روشني ۾ ٺيڪا ڏيڻ وقت ٺيڪيدارن کي اهي ڪم ڪرائڻ لاءِ ذميوار بڻايو ويندو.<br><br>سيڊا ۾ قائم انوائرونمينٽل مئنيجمينٽ يونٽ ڪنسلٽنٽن سان گڏجي ماحوليات بابت ڪجندڙ قدمن جي جاچ ڪندا ۽ ان ڪم کي قومي ۽ عالمي معيار موجب يقيني بڻايو ويندو. | پراجيڪٽ ڪوآرڊينيشن مئنيجمينٽ يونٽ جو انوائرونمينٽل يونٽ ۽ مانيٽرنگ اينڊ ايويلويشن ڪنسلٽنٽ | ايم ايڊ اي ڪنسلٽنٽ<br><br>اي پي اي ، جتي ان جي ضرورت پئي.<br><br>ضرورت پوڻ جي صورت ۾ ماحوليات جي ماهر جي شموليت سان بينڪ جو نگران مشن بہ ڪم ڪندو.<br><br>پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ |
| 2 | ڊسٽريبيوٽريز ۽ مائينرن جي مرمت | 1. واهن ۽ شاخن جي ڪاٽي صحيح نموني نہ ٿيڻ<br>2. شاخن ۽ بندن جي مرمت لاءِ پاسن مان مٽي ڪڍڻ سبب پيدا ٿيل کڏن جي صحيح نموني سنوت نہ ٿيڻ ڪري اهي مڇرن ۽ ٻين جيتن جي آماجگاهہ بنجن ٿا ۽ ان سان زمين خراب ٿئي ٿي.<br>3. ڍنڍن ڍورن تي ايندڙ تبديلي | • ان جي حل لاءِ بہ ساڳيو طريقو اختيار ڪيو ويندو جيڪو مک ۽ برانچ ڪئنالن جي لاءِ ڪيو ويندو.<br>• مائينرن ۽ ڊسٽيبيوٽريز مان نڪرندڙ ڪاٽي واري مٽي ڏاڍي زرخيز ٿيندي آهي. ان ڪري اها مٽي آبادگارن کي ڏني ويندي تہ جيئن اهي پنهنجي زمين ۾ وجهي پنهنجي اپت ۾ اضافو ڪري سگهن. | سڀ ڪجهہ مٿان وانگر هوندو پر ان ۾ آبادگار تنظيمن کي بہ ان ڪري شامل ڪيو ويندو تہ جيئن ڪم نگراني ۾ بهتر نموني سان ٿي سگهي. | اڳ ڄاڻايل وانگر، پر ان ۾ ايريا واٽر بورڊ جي شموليت کي وڌيڪ اهميت ڏني ويندي. | ايم ايڊ اي ڪنسلٽنٽ<br><br>اي پي اي ، جتي ان جي ضرورت پئي.<br>ضرورت پوڻ جي صورت ۾ ماحوليات جي ماهر جي شموليت سان بينڪ جو نگران مشن بہ ڪم ڪندو. |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | 4. وٽن جي ڪٽائي.<br>مک ۽ برانچ ڪئنالن تي گهٽو ڪري ساڳيون تبديليون اينديون ان ڪري انهن کي ساڳي طريقي سان حل ڪيو ويندو. | | | | پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ |
| 3 | ڪپڙن ڌوئڻ جون جڳهون پڪن ۽ ڪچن مائينرن ۽ ڊسٽريبيوٽريز تي جوڙڻ گهرجن | آبپاشي ۽ پيئڻ جو پاڻي صابڻ ۽ ٻين شين ملاوٽ جي ڪري خراب ٿئي ٿو<br>پيئڻ جي پاڻي جي خاصيت خراب ٿئي ٿي | وهنجڻ جون جايون ، آبادگارن جي صلاحن سان جوڙڻ گهرجن. جيئن شاخن جي ڪپڙن کي کاڌ کان بچائي سگهجي. | ايريا واٽر بورڊ ۽ آبارگار تنظيم | آبارگار تنظيم ۽ پي ايم سي | سيڊا جو ماحولياتي سيل ايم اينڊ اي ڪنسلٽنٽ وسيلي تجزيو ڪندو |
| 4 | آبادگار تنظيمن کي شاخن ۽ واٽر ڪورسن جي مرمت ۽ سار سنڀال لاءِ ضروري اوزار فراهم ڪيا وڃن | ڪو به اثر نه | ڪجهه به نه گهربل | ايريا واٽر بورڊ ۽ آبارگار تنظيم | آبارگار تنظيم ۽ پي ايم سي | سيڊا جو ماحولياتي يونٽ ايم اينڊ اي ڪنسلٽنٽ وسيلي تجزيو ڪندو<br>پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ. |
| 5 | زرعي ڪرت ۽ اپت وڌائڻ | ڪيميائي پاڻ ۽ ٻين زرعي دوائن جي استعمال ۾ هر ممڪن حد تائين گهٽتائي آڻڻ. | پيسٽ مئنيجمينٽ پلان تي اڳ ۾ ئي سنڌ آن فارم واٽر مئنيجمينٽ هيٺ ڪم هلي رهيو آهي.، ان ڪانسواءِ نيشنل انٽيگريٽيڊ پيسٽ مئنيجمينٽ هيٺ پڻ سڄي ملڪ اندر اهڙو پروگرام هلي رهيو آهي. هاڻي جيڪڏهن ڪٿي اهڙي ضرورت محسوس ڪئي وئي ته پوءِ وسپ هيٺ به آبادگارن کي زرعي دوائن جي استعمال بابت سکيا ڏني ويندي. | سيڊا، ايريا واٽر بورڊ ۽ آبادگار تنظيمون | ايم اينڊ اي ڪنسلٽنٽ<br>پي سي ايم يو | ايم اينڊ اي ڪنسلٽنٽ<br>پي سي ايم يو |
| 4 | ٻراجن جي فزيبلٽي رپورٽ ۽ سنڌو جي ڪابي ڪناري جي لاءِ ريجنل پلان | اسٽڊي جي مڪمل انوائرونمينٽل اسيسمينٽ آبادگارن ۽ مک اسٽيڪ هولڊرن سان گڏجي ڪئي ويندي. | اسٽڊي جي اهم حصي طور انوائرونمينٽل مئنيجمينٽ اينڊ سوشل مئنيجمينٽ پلان جوڙيا ويندا. | سيڊا لاءِ ڪنسلٽنٽ اهو ڪم مڪمل ڪندا. | سيڊا، پي سي ايم يو | ايم اينڊ اي ڪنسلٽنٽ<br>پي سي ايم يو<br>پلاننگ ڊپارٽمينٽ ، بينڪ جو نگران عملو. |

# باب ستون
# مقامي رهاڪو

## 7. مقامي رهاڪو

### 7.1 جنرل پروفائيل:

پاڪستان ۾ ڪنهن بہ علائقي جي اصلوڪن رهاڪن لاءِ ڪي بہ الڳ الڳ قانون نہ آهن پر سيني کي برابري وارا حق ڏنا ويا آهن. انهن کي پنهنجي رسمن رواجن موجب زندگي گذارڻ جي مڪمل آزادي آهي. ورلڊ بينڪ جي پاليسي OP 4.10 موجب ڪنهن بہ علائقي جي اصلوڪن رهاڪن جي تشريح هيٺين ريت ڪيل آهي.

- جن جون پنهنجون رسمون ۽ رواج اهڙا هجن جو اهي ٻين کان بلڪل مختلف هجن.
- اهي ڪنهن هڪ خاص حصي ۾ رهندڙ هجن ۽ اهو علائقو ئي سندن سڃاڻپ هجي.
- سندن ثقافت، ادارا، سياسي ۽ سماجي سوچ توڙي ڪم ڪار بہ ٻين کان ڪافي مختلف هجن.
- انهن جي ٻولي بہ ملڪ جي مک ٻولي کان ڪجھ مختلف هجي.

مقامي ماڻهن کي ثقافت ۽ روزگار ڪمائڻ جي پراڻن طريقن جي بنياد تي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو ۽ جيڪي پنهنجي ابن ڏاڏن جي زميني مالڪي ۽ حقن لاءِ دعويٰ نہ ٿا ڪن. سنڌ ۾ هڪ منجهرجا مهاڻا ۽ ٻيا ٽري اهڙا آهن جن جي رهڻي ڪهڻي جو نمونو ٻين کان مختلف آهي. اهي اڪثر ڪري ڍنڍن واري صورتحال ۾ رهن ٿا. انهن مان اڪثريت هندن جي آهي. منجهرجا مهاڻا تہ وسپ پراجيڪٽ جي ايريا اندر نہ ٿا اچن. جڏهن تہ ٽر بابت ڄاڻ آهي تہ اتان جا ماڻهون روزگار جي تلاش ۾ اڪثر آبپاشي وارن علائقن ڏانهن لڏپلاڻ ڪري اچن ٿا ان ڪري اهي وسپ پراجيڪٽ مان لاڀ بہ حاصل ڪري سگهن ٿا تہ ان مان متاثر بہ ٿي سگهن ٿا. 1998ع واري آدمشماري موجب سنڌ ۾ تقريبن ٽي لک ماڻهو اقليت سان تعلق رکن ٿا جن مان 93 سيڪڙو ٻهراڙين ۾ رهن ٿا ان مان وري 87 سيڪڙو صرف ٿرپارڪر ۾ رهن ٿا.

علائقي ۾ رهندڙ ڀيل، ڪولهي، اوڏ، مينگهواڙ ۽ ٻيا هندو اقليت سان تعلق رکن ٿا. ٿرپارڪر ۾ رهندڙ اڪثر مسلمانن جي رهڻي ڪرڻي بہ هندن جهڙي آهي. ڀيل خانہ بدوش آهن جڏهن تہ ڪولهي ۽ ميگهواڙ موسم موجب شهرن ڏانهن رخ رکن ٿا ۽ اتي اڏاوتي ڪم ڪارين توڙي ٻين ڪمن ۾ مزدوري ڪن ٿا ۽ پنهنجو پيٽ گذر ڪن ٿا، هن قبيلي جون عورتون گهٽي وقت تائين ڪرڻ جي لاءِ مشهور آهن. ڪجھ ٽري وري آبپاشي وارن علائقن ۾ اچي هارپو يا زرعي مزدوري بہ ڪن ٿا.

پراجيڪٽ جا سڌي يا اڻسڌي ريت علائقي جي مقامي رهاڪو ماڻهن تي ڪي بہ خراب اثر نہ ٿا پون نہ ئي اهو پراجيڪٽ سندس معاشي ۽ معاشي مسئلن کي وڌيڪ منجهائڻ جو سبب آهي جيستائين ورلڊ بينڪ جي مقامي رهاڪو ماڻهن بابت پاليسي واري صورتحال واضح نہ ٿي ٿئي. اها پاليسي لاڳو نٿي ٿي سگهي.

وسپ پراجيڪٽ جي فائدن جي حوالي سان هاري ۽ زرعي مزدور وڌيڪ زمينون آباد ٿيڻ سان ۽ وڌيڪ اپت سبب پنهنجي معاشي حالت بهتر بڻائي سگهن ٿا. خاص طور پاڻي جي بهتر ورهاست ۽ اضافي سبب فصلن جي وڌيڪ پوکائي، لاب، ڳاھ، ڪيڙي، چونڊي، پٽائي ۽ واڍي سبب زرعي مزدور وڌيڪ ڪمائي سگهي ٿو.

ميرپورخاص ۾ اهڙن ماڻهن بابت هڪ گڏجاڻي بہ ڪوٺائي وئي جنهن ۾ اقليتي برادري جي ماڻهن بہ شرڪت ڪئي. ان دوران اهو ڏنو ويو تہ شهرن توڙي ٻهراڙين ۾ ٻني ٻاري جي هارپي توڙي مزدوري دوران مسلمان توڙي اقليتي مزدورن يا هارين کي هڪجيتري مزدوري ملي ٿي. ان ڪري علائقي جا اصولڪا توڙي لاڏائو ماڻهو گهڻو ڪري ساڳين مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن.

### 7.2 صلاحڪاري گڏجاڻين جا نتيجا:

صلاحڪاري گڏجاڻين ۾ حصو وٺندڙن جو تعلق سول سوسائٽي، آبادگارن ۽ اين جي اوز سان هو. اهڙيون گڏجاڻيون گهوٽڪي، بدين ۽ ميرپورخاص ۾ ڪوٺايون ويون. ان دوران مقامي ماڻهن بابات ٻين معاملن بابت بہ ڄاڻ ورتي وئي. سيني گڏجاڻين ۾ شريڪ ماڻهن جو خيال هو تہ

- وسپ پراجيڪٽ دوران اهڙن لاڏائو قبيلن يا اصلوڪن رهاڪن ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي تي يا نهن جي روزگار تي ڪو به خاص فرق نه پوندو. اجان اهو ممڪن آهي ته زرعي ايراضي ۾ اپت وڌڻ سبب انهن کي ڪو فائدو ٿي ٿيندو.
- وسپ پراجيڪٽ عام ماڻهن لاءِ ڪافي لاڀائتو ثابت ٿيندو. ان سان علائقي ۾ روزگار جا نوان موقعا ملندا.
- هارين کي واٽر ڪورس ايسوسيئيشن ۾ آبادگار تنظيمن به شامل ڪيو ويجي.
- هندو توڙي مسلمان هارين ۾ مزدورن کي ساڳيا مسئلا درپيش آهن اهڙي ريت اهي فائدا به ساڳيا حاصل ڪري رهيا آهن.
- انهن ماڻهن جو ڪو به مستقل ٺڪاڻو ڪونهي پر اهي آبادگارن جي رحم ۽ ڪرم تي هوندا آهن هاڻي ڪين ڪڏهن به لڏائي سگهن ٿا.
- وسپ پراجيڪٽ دوران ان ڳالهه کي اوليت ڏني ويندي ته اهڙن هارين ۾ زرعي مزدورن جي بهتري لاءِ ڪي قدم کنيا وڃن.

**نتيجا:**

مقامي ۽ غير مقامي ماڻهن کي هارپي توڙي مزدوري جو اجورو ساڳيو ملي ٿو. انهن جا نقصان ۽ فائدا به هڪجهڙا آهن. لاڏائو توڙي مقامي اصلوڪن ماڻهن تي وسپ پراجيڪٽ جا ڪي خاص اثر نه پوندا. تجويز ڪيو ڪيل پراجيڪٽ جا ڪي به خراب اثر انهن تي نه پوڻ سبب ان معاملي بابت وڌيڪ ڪي پاليسيون جوڙڻ جي ضرورت نه آهي.

ترجي پيل ۽ ڪلهي توڙي ٻين اقليتن جي وسپ پراجيڪٽ اندر ڪا به پنهنجي زمين نه هجڻ برابر آهي پر اهي انهن علائقن ۾ روزگار حاصل ڪرڻ لاءِ ضرور اچن ٿا ان ڪري اهي اٽسڏي ريت ان پراجيڪٽ سان لاڳاپيل ضرور آهن. ڀيل ۽ ٻيون اقليتون پنهنجي ٻولي سان گڏوگڏ سنڌي ٻولي به سٺي نموني ڳالهائين ٿيون ان ڪري انهن کي شهرن ۾ يا سنڌ جي ٻين علائقن ۾ رلي ملي وڃڻ ۾ ڪا گهڻي دير نه ٿي ٿئي.

# باب اٺون
# سماجي اثر، فائدا، مسئلا ۽ تدبيرون

## 8 سماجي اثر، فائدا، مسئلا ۽ تدبيرون

هن حصي ۾ واٽر سيڪٽر جي سماجي ۽ اقتصادي پاسي تي خاص نظر رکي وئي آهي. وسپ جي حدن اندر اينڊڙ ايريا واٽر بورڊن جي حالتن جو جائزو ورتو ويو آهي. تنهي ايريا واٽر بورڊن نارا، گهوٽڪي فيڊر ۽ ليفٽ بينڪ ڪئنال توڙي رائيٽ بينڪ ايريا وارن علائقن کي به ان ۾ شامل ڪيو ويو آهي. هن آءِ ايس اي اي هيٺ انگ اکرن گڏ ڪرڻ جي ٻن طريقن (نمبر هڪ) گهر گهر سروي ۽ (نمبر ٻه) فوڪس گروپ ڊسڪشن (ايف جي ڊي) وسيلي ڊيٽا گڏ ڪئي وئي آهي. انهن انگن اکرن بابت مڪمل تفصيل ۽ احوال هيٺ ڏجي ٿو.

### 8.1 سماجي ۽ اقتصادي پس منظر:

پراجيڪٽ سان لاڳاپيل سماجي ۽ اقتصادي پس منظر هن ريت آهي.

#### 8.1.1 زمين تي پاڻي جي موجودگي:

زراعت جي بهتري لاءِ زمين تي پاڻي جي وقت سر رسد تمام اهميت رکي ٿي. سنڌ ۾ جتي پاڻي اڪثر ڪري وارابندي سبب ڪجھ دير سوير سان زمين تائين پهچي ٿو ان جي وقت سر رسد کي يقيني بنائڻ لاءِ قدم کڻڻ جي ضرورت آهي ۽ ان سلسلي ۾ سڀ کان آسان طريقو خود آبادگارن کي ان پوري نظام ۾ شامل ڪرڻ آهي ته جيئن اهي پاڻ اچي پاڻي جي ورهاست ۽ وارابندي واري نظام جي مانيٽرنگ ڪري سگهن.

پاڻي جي وقت سر رسد جي ڪري نه صرف وڌيڪ زمين آباد ٿي سگهي ٿي پر موسم جي فائدي سبب بهتر فصل به اپائي سگهجن ٿا ته ان سان زمين به بهتر اپت ڏئي سگهي ٿي . پاڻي جي بهتر ۽ وقت سر رسد لاءِ اهو تمام ضروري آهي ته ڊائريڪٽ آئوٽ ليٽن تي ضابطو آندو وڃي ڇاڪاڻ جو انهن سبب پاڻي اڳ ئي ڪافي چوري ٿي وڃي ٿو جنهن ڪري پوڇڙ جي آبادگارن کي وقت سر پاڻي نه ٿو ملي سگهي.

#### 8.1.2 فصلن جي اپت جي ليول

سنڌو درياءَ جي ڪاڀي پاسي جون زمينون ڪافي زرخير ليکيون وينديون آهن. ان پاسي زمين سال ۾ ٻه ڀيرا کان ٽي فصل ڏينديون آهن. انهن زمينن کي جيڪڏهن وقت سر پاڻي جي رسد نه ٿيندي رهي ته پوءِ يقيني طور تي انهن جي زرعي اپت کي ڪاپاري ڌڪ رسندو. ان ڪري ان ڳالھ جي سخت ضرورت آهي ته علائقي ۾ پاڻي جي رسد کي وقت سر يقيني بڻايو وڃي. علائقي ۾ ڪيش ڪراپ ٿيڻ سبب اتي ڪمائي به ڪجھ وڌيڪ آهي.

#### 8.1.3 اپت جي حد

سروي هيٺ آيل گهرن جي زرعي ۽ غير زرعي آمدني جو جائزو ورتو ويو ۽ ان آمدني کي الڳ الڳ حصي طور ڪمپيوٽرائيزڊ ڪيو ويو ۽ ان کي پاڪستان سرڪار پاران غربت جي لڪير 9120 رپيا في فرد في سال جي حساب سان ڪلاسيفائيڊ ڪيو ويو.

1. سروي دوران معلوم ٿيو ته جن ماڻهن جي آمدني تمام گهٽ آهي ۽ هو غربت جي لڪير کان هيٺ آهن. اهي پنهنجي آمدني جا وڌيڪ ذريعا ۽ وسيلا ڳولڻ لاءِ مسلسل جستجو ۾ رڌل آهن.
2. غربت جي لڪير کان مٿي وارن جي آمدني 5.4 ڀيرو وڌيڪ هئي. زمين جا مالڪ غربت کان متاهين، جڏهن ته انهن زمينن ۾ ڪم ڪندڙ هاري جيڪي اصل ڪمائي ڪن ٿا اهي غربت کان هيٺ واري زندگي گذاري رهيا هئا. 13 آبادگارن مان هڪ ڇٽو غربت کان هيٺ واري زندگي گذارڻ تي مجبور هو. پنهنجي زمين ئي پاڻ کيڙيندڙ ۾ اهو تناسب 2.7 هو.

3. ڪمائي جي اهم ذريعن جو مختلف ريجنن ۾ جائزو ورتو ويو مثال طور حاصل ڊيٽا موجب ڊسپرٽي ريشو هيٺئن رهيو. نارا ڪئنال لاءِ 6.6 سيڪڙو، ليفٽ بينڪ ڪئنالز لاءِ 4.2 سيڪڙو، رائيٽ بينڪ لاءِ 6.4 سيڪڙو ۽ گهوٽڪي ايريا لاءِ 3.8 سيڪڙو هو. انهن وچ ۾ غربت جي لڪير کان هيٺ ۽ مٿي هئي. انهن علائقن ۾ واٽر ڪورس جي منڍ، وچ توڙي پوڇڙ ۾ زرعي اپت ۾ ڪو گهٽو فرق نه هو. جڏهن ته پاڻي ڪانسواءِ زمين جو معيار، موسم ۽ زرعي پوکي جي طريقن ۾ تبديلي سبب اپت ۾ فرق ممڪن هو. جاڻ دوران اهو به معلوم ٿيو ته ماڻهن جا غير زرعي ڪمائي وارا وسيلا تيزي سان گهٽ ٿي رهيا آهن.

4. اسٽڊي دوران اهو معلوم ٿيو ته زرعي آمدني گهٽ ٿيڻ ۽ ٻين سببن بعد عام ماڻهو جي آمدني تيزي سان گهٽ ٿي رهي هئي جيڪا هڪ خطري جي گهنٽي آهي.

### 8.1.4 غربت جون پاڙون

غربت جي مک سببن کي پڌرو ڪرڻ لاءِ صورتحال جو خبرداري سان جائزو ورتو ويو هڪ ڳالهه آساني سان سامهون آئي ته زمينن جي گهٽ اپت يا ٻني ۾ گهٽ پوکي وڌندڙ غربت جو اهم سبب آهي. اسٽڊي دوران گهر گهر هٽ ڪيل ڊيٽا جو جائزو ورتو ويو. جنهن ۾ زمين جي ماپ، واٽر ڪورس تي زمين جي مقام ۽ هارپي کي نظر ۾ رکيو ويو.

## 8.2 ادارتي مسئلا:

### 8.2.1 آبپاشي کاتي ۾ ايڊز ادارتي سڌارن بابت آگاهي

نارا سميت ٻين ايريا واٽر بورڊن اندر اڃا تائين ڪافي ماڻهن کي آبپاشي کاتي ايندر ايڊز ادارتي سڌارن بابت گهٽي ڄاڻ نه آهي. ان ڪري ان ڳالهه جي سخت ضرورت آهي ته انهن ماڻهن ۾ انهن ادارتي سڌارن بابت ڄاڻ مهيا ڪرڻ لاءِ باقائدگي سان جاڳرتا مهم هلائي وڃي. انهن کي سيڊا ، ايريا واٽر بورڊن ۽ آبادگار بورڊن ۽ انهن جي ڪمن ڪارين جي طريقيڪار بابت به مڪمل ڄاڻ ڏني وڃي. آبپاشي کاتي ۽ سيڊا ۾ ڪهڙو فرق آهي ۽ آبپاشي کاتو آخر ۾ هلي سيڊا ۾ ڪيئن ضم ٿي ويندو ان بابت به آبادگارن کي ڄاڻ هجڻ گهرجي.

ماڻهو نون ادارتي سڌارن جي ڪري ڪري ڪجهه فڪرمند به آهن ته آخر اهي ڪهڙي قسم جا سڌارا آهن ۽ انهن بعد ڪم جو طريقي ڪار ڪيئن هوندو، انڪري ان ڳالهه جي به ضرورت آهي ته ماڻهن کي ان بابت به مڪمل آگاهي ڏني وڃي.

### 8.2.2 وارابندي بابت ڄاڻ جي ٻين تائين فراهمي

پاڻي جي وارابندي بابت سيڊا توڙي آبپاشي کاتي پاران ٿيندڙ اعلانن توڙي بيانن تي آبادگارن اعتبار ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. هنن جو چوڻ آهي اعلانن باوجود پاڻي وقت سر ۽ مقرر مقدار وارو نه ٿو پهچي. ان ڪانسواءِ اڪثر آبادگارن کي پاڻي جي وارابندي واري ٽائيمنگ بابت به اڳواٽ اطلاع نه ٿو ڏنو وڃي. انڪري ضروري آهي ته ايريا واٽر بورڊ يا لوڪل ڊسٽري سطح تي ريڊيو چينل جي شروعات ڪئي وڃي جيڪو روزانو پاڻي جي وارابندي توڙي ٻين پاڻي سان لاڳاپيل ٻين معاملن بابت آبادگارن کي آگاهي ڏيندو رهي. آبادگار ان قسم جي ريڊيو شروع ڪرڻ تي راضي آهن. ان ڪانسواءِ آبادگار ان ڳالهه تي به اصرار ڪري رهيا هيا ته پاڻي جي ورهاست ڪنهن ٽين ڌر کان ڪرائي وڃي ۽ پاڻي بابت پڌرايون به ان کان ڪرايون وڃن. آبادگار ان ڳالهه تي راضي هيا ته جيڪڏهن واهن جي پڪي ٿيڻ سان انهن کي پاڻي وڌيڪ ۽ وقت سر ملي سگهندو ته اهي واهن جي ڪجهه حصن جي مرمت پنهنجي خرچ ڪرائڻ لاءِ به تيار آهن. ياد رهي ته ان کان اڳ آبادگار ڪڏهن به ان ڳالهه تي راضي نه ٿيندا هيا ته اهي واهن جي پڪي ڪرائڻ لاءِ ڪنهن به قسم جي مالي مدد ڪري سگهندا.

### 8.2.3 غير زرعي مقصدن لاءِ پاڻي استعمال ڪندڙ

گڏجاڻين ۾ شريڪ اڪثر ماڻهن آبپاشي واري پاڻي مان ڪارخانن ۽ ٻين غير زرعي مقصدن لاءِ پاڻي استعمال ڪرڻ وارن کي پاڻي جو حصو ڏيڻ جي سخت مخالفت ڪئي.

**ميرپورخاص ۾ شريڪ ماڻهن پاران هيٺيان خيال پيش ڪيا ويا.**

1. ميرپورخاص شهر کي ملندڙ پاڻي صاف نه ٿو ڪيو وڃي.

2. ميرپورخاص شهر جو هر پنجون ماڻهو هيپاٽائيٽس اي، بي يا سي ۾ مبتلا آهي.
3. ميرپورخاص شهر ۾ پيئڻ جي پاڻي ۽ گندي نيڪال واري پاڻي جون لائينون اڪثر هنڌن تي پاڻ ۾ گڏجي وڃن ٿيون.
4. شهر کي پاڻي جمڙائو ڪئنال مان ٽئنڪن وسيلي ڏنو وڃي ٿو جن جي لڳاتا صفائي جو ڪو به بندوست به آهي.
5. شهر ۾ پاڻي 200 رپيا في ٽينڪر يا 30 رپيا في ڊرم وڪرو ٿي رهيو آهي.
6. پاڻي ڏسڻ ۾ ميرو ۽ ذائقي ۾ بهتر نه آهي.
7. گذريل 10 سالن اندر شهر ۾ منرل واٽر جو ڪاروبار تمام گهڻو وڌيڪ ٿي ويو آهي.

- شريڪ ماڻهن پاران هيٺيان مشورا پيش ڪيا ويا.

1. ميرپورخاص شهر ۾ پيئڻ جو پاڻي پهچائڻ وارو نظام نجي ڪاتي حوالي ڪيو وڃي.
2. شهري پيئڻ جي پاڻي لاءِ وڌيڪ رقم خرچ ڪرڻ لاءِ تيار آهن.

## 8.3 مڪ سماجي اثر ۽ مسئلا

وسپ پراجيڪٽ جي مختلف حصن بابت ٿيل صلاحڪاري گڏجاڻين بعد ماڻهن پاران ملندڙ موٽ هن ريت رهي.

### 8.3.1 پاڻي جي موجودگي

اڪثر آبادگارن کي پاڻي جي موجوده کوٽ تي سخت ڳڻتي هئي. سنڌ جهڙي علائقي ۾ جتي برسات جو پاڻي گهٽ ۽ جر جو پاڻي گهڻو کري کارو آهي اتي پاڻي جو واحد ۽ اهم ذريعو ڪئنال ئي آهن. آبادگارن کي ٻڌايو ويو ته پاڻي جي درست ۽ منصفاڻي ورهاست لاءِ ضروري آهي ته پاڻي جي ورڇ جو ڪو ايڪو مخصوص ڪيو وڃي ۽ في ايڪڙ جي حساب سان پاڻي جو خاص مقدار واٽر ڪورسن ۾ ڇڏيو وڃي اهڙي ريت خاص طور پوڇڙي جي آبادگارن کي سندن ضرورت موجب پاڻي ملي سگهندو اڳ هميشه پوڇڙ جا آبادگار گهٽ پاڻي حاصل ڪندا رهيا آهن.

سروي دوران 121 مان 85 زميندارن ۽ مقاطيدارن کان هٿ ڪيل انگ اکر گڏ ڪيا ويا. زرعي اپت جي کوٽ جو اهم سبب زميندارن جو زمينن تي موجود هجڻ بدران ٻاهر شهرن ۾ هئڻ آهي يا ڪجهه زميندار مقاطي تي زمين ڏين ٿا ته ان ڪري به ان زمين جو خاص خيال نه ٿو رکيو وڃي. ڪجهه علائقن ۾ تبديلي ڪجهه خاص زميندارن جي دلچسپي جي سبب ٿي آهي. سنڌو جي ساڄي ڪنڌي تي اڪثر چانورن جو فصل پوکجي ٿو جيڪو ٻنهي موسمن ۾ وڌيڪ پاڻي جي گهر ڪري ٿو.

### 8.3.2 ڊائريڪٽ آئوٽ ليٽس ۽ پمپ مشينن جا اثر

گڏجاڻين دوران 20 سيڪڙو ماڻهن جو خيال هيو ته ڊائريڪٽ آئوٽ ليٽس جي ڪري پاڻي جي رسد يا مقدار ۾ ڪو خاص فرق نه ايندو پر ان جا ٻيا مسئلا آهن. جڏهن ته وڏي اڪثريت جو خيال هو ته پوڇڙ ۾ پاڻي جي کوٽ جو اهم سبب لفٽ مشينون ۽ ڊائريڪٽ آئوٽ ليٽس آهن، انهن جو خيال هو ته هن وقت موجود ڊائريڪٽ آئوٽ ليٽس ۽ لفٽ مشينن تي ضابطو آندو وڃي ۽ انهن جو انگ وڌڻ نه ڏنو وڃي.

### 8.3.3 آبادگار تنظيمون

سروي مان اها ڳالهه ظاهر ٿي ته 121 ماڻهو صرف 14 (11.6) سيڪڙو آبادگار تنظيمن جا ميمبر هئا. جڏهن ته 31 ڄڻن (25.6) ماڻهن کي آبادگار تنظيمن جو نالو به ٻڌل نه هو. علائقي جي 63 سيڪڙو آبادي کي اها به خبر نه هئي ته ايف او چيئرمين وٽ ڪيتري زمين آهي. سروي دوران ڳالهه سامهون آئي ته هتي به وڏا آبادگار اڳيان هئا ۽ ننڍا آبادگار ۽ هاري ته ڊپ کان ڪجهه ڪڇي نه رهيا هئا.

آبادگار تنظيمن جي سرگرمي بابت 89 آبادگارن کان سروي ڪئي وئي. 32 ڄڻن چيو ته سندن علائقي ۾ ڪا به آبادگار تنظيم ڪانهي. 15 ڄڻن (12.4 سيڪڙو) چيو ته آبادگار تنظيمون تمام فعال ۽ سرگرم آهن. 45 ڄڻن (37 سيڪڙو) چيو ته آبادگار تنظيمون گهڻو فعال ۽ سرگرم نه آهن. انگ اکر ٻڌائن ٿا ته آبادگارن جي راءِ ان سلسلي ۾ برابر ورهايل آهي.

واٽر ڪورسن تي شراڪتي بنياد بابت 131 هارين کان سروي ڪيو ويو جن مان 33 ڄڻن کي ته ڪنهن آبادگار تنظيم جي جڙڻ، ڪم ڪار ۽ اهميت جي ڪا خبر به نه هئي. جڏهن ته 80 ڄڻن (73 سيڪڙو) چيو ته شراڪتي نظام صرف آبادگار تنظيم وسيلي ئي ممڪن آهي.

سروي جو گھڻو حصو نارا ڪئنال ايريا ۾ ڪيو ويو جنهن مان ظاهر ٿيو ته آبادگار اجا به آبپاشي جو نظام پنهنجن هٿن ۾ کڻڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار آهن. هاڻي پاليسي جوڙيندڙن کي گهرجي ته اهي سندن خدشا دور ڪرڻ لاءِ ڪم ڪن ته جيئن آبادگار رضا خوشي سان اڳتي به اهو نظام سنڀاليندا رهن.

### 8.3.4 صحت جا عام مسئلا

صحت جي معاملن بابت 97 ماڻهن کان سروي ڪيو ويو جن مان 88 سيڪڙو ٻڌايو ته علائقي ۾ سڀ کان وڏيڪ پکڙيل بيماري مليريا آهي جڏهن ته اڻ صاف ٿيل پاڻي واپرائڻ سبب هيپاٽائيٽس ۽ ٽي بي جهڙيون بيماريون به عام آهن. اها ڳالهه سامهون آئي ته اڻ صاف ٿيل پاڻي واپرائڻ ۽ گندي پاڻي جي نيڪال نه ٿيڻ سبب اهڙيون بيماريون عام ٿي پيون آهن ۽ هن وقت مليريا ملڪ ۾ ٻيهر اڀري رهي آهي.

### 8.3.5 علاج جا ڳرا خرچ

علائقي ۾ بيماريون عام هجڻ سبب عوام مٿان علاج جي خرچ جو وزن پوي ٿو. 48 سيڪڙو ماڻهن جو چوڻ هو ته 100 کان 500 رپيا ماهوار صرف علاج تي خرچ ٿي رهيو آهي.

### 8.3.6 پيئڻ جي پاڻي جو موجوده وسيلو

علائقي جي 60 سيڪڙو آبادي پيئڻ لاءِ هٿ وارن نلڪن وسيلي جر جو پاڻي استعمال ڪري ٿي جڏهن ته 20 سيڪڙو آبادي سڌي ريت ڪئنال جو پاڻي استعمال ڪري ٿي. ميرپور خاص سميت ڪجهه علائقن ۾ وري پيئڻ لاءِ ڪئنالن جو پاڻي ٽينڪرن وسيلي اندو وڃي ٿو. بحرحال اڪثر ماڻهن کي پيئڻ جو صاف پاڻي مهيا نه آهي.

### 8.3.7 مال جي اچ وڃ ۽ ٻيا مسئلا

ايريا جي 89 سيڪڙو ماڻهن جو خيال هيو ته پراجيڪٽ جي ڪري مال جي اچ وڃ توڙي ان جي حوالي سان ٻيو ڪو به مسئلو درپيش نه ايندو، ڇاڪاڻ جو وسپ پراجيڪٽ ۾ ڪو به نئون ڪئنال يا واهه نه کوٽجندو پر اڳ موجود آبپاشي نظام کي سڌاريو ويندو.

### 8.3.8 ٻيهر آبادڪاري وارو مسئلو

اڪثر ماڻهن (65سيڪڙو) جو چوڻ هو ته وسپ پراجيڪٽ دوران لڏپلاڻ يا ٻيهر آبادڪاري جو مسئلو شايد پيدا نه ٿيندو. جڏهن ته 44 سيڪڙو جو چوڻ هو ته پراجيڪٽ سان ڪجهه آبادي متاثر ضرور ٿيندي. 13 سيڪڙو جو چوڻ هو ته جيڪڏهن ڪنهن کي لڏپلاڻ ڪرائي وئي يا سندس زمين پراجيڪٽ هيٺ اچي وئي ته کين ان بدلي خراب زمين يا جڳهه ڏني ويجي. سروي دوران ۽ اڳ ۾ آبادگارن کي وسپ پراجيڪٽ جي اهم ڪمن بابت ڄاڻ ڏني وئي بعد ۾ ڪانئن وسپ بابت راءِ ورتي وئي. آبادگار سڀ کان اڳ صوبي اندر پاڻي ڪوٽ خلاف دانهون ڪري رهيا هئا. هنن جو خيال هو ته اڳ ۾ پاڻي جي ڪوٽ آهي مٿان ناڪارا سسٽم سبب وٽن پاڻي نه ٿو پهچي ۽ زمينون تباهه ٿي رهيون آهن. 85 سيڪڙو ماڻهن جو چوڻ هو ته وسپ پراجيڪٽ جي اچڻ بعد سم ۽ ڪلر ۾ گهٽتائي اچي ويندي. 14 سيڪڙو جو چوڻ هو ته وسپ هڪ زبردست پراجيڪٽ آهي پر اهو هڪ انتهائي ڏکيو ٽاسڪ محسوس ٿي رهيو آهي.

گهر گهر سروي دوران 12 ڊسٽريبيوٽريز/ مائينرن (هن کي ڳوٺ طور ظاهر ڪيو ويندو) تان 121 ماڻهن کان سوال پڇيا ويا انهن ۾ ڪنٽرول گروپ جا آبادگار به شامل هئا. گڏ ٿيل معلومات جو تعداد ۽ معيار جي بنياد تي به تجزيو ڪيو ويو. سڀ کان اڳ هارين جي سماجي ۽ اقتصادي صورتحال جو جائزو ورتو ويو ۽ سندن خيالن ۽ سوچن کي نوٽ ڪيو ويو. ان دوران هارين ۽ آبادگارن جي اهم سماجي ۽ اقتصادي پهلو کي نظر ۾ رکيو ويو ڇاڪاڻ ته آبادگارن جي بهتر سماجي ۽ اقتصادي صورتحال جو وسپ پراجيڪٽ سان گهرو واسطو آهي.

## 8.4 سماجي مسئلن جا اثر، مرمتي ڪم، بچاءَ ۽ وڌاءَ لاءِ کنيل قدم ۽ ذميوار ادارا

سماجي مسئلن جي اثرن، مرمتي ڪم، ان جي وڌاءَ لاءِ ڪجندڙ قدمن توڙي ان لاءِ ذميوار ادارن بابت مڪمل تفصيل ٽيبل نمبر 8.1 ۾ ڏنا ويا آهن.

## 8.5 سوشل امپيڪٽ مئنيجمينٽ فريم ورڪ

وسپ پراجيڪٽ دوران ان ڳالهہ جو بہ جائزو ورتو ويندو تہ پراجيڪٽ دوران ڪو بہ سماجي يا ماحولياتي مسئلو پيدا نہ ٿئي. ان ڪري ان پراجيڪٽ جي شروع ٿيڻ کان اڳ ئي ايريا اندر سماجي ۽ ماحولياتي جائزي لاءِ تفصيلي اسيسمينٽ ڪئي وئي آهي ۽ ان ڏس ۾ خود ايريا جي سول سوسائٽي، اين جي اوز ۽ آبادگار تنظيمن جي اڳواڻن سان تفصيلي ملاقاتون ڪيو ويو آهن. انهن گڏجاڻين دوران اتان جي اصلوڪن رهاڪن، بين علائقن مان اچي اتي روزگار ڪندڙن، اتان جي ماحوليات، سماجيات، معاشيات ۽ اقتصاديات کان وٺي اتان جي رهڻي ڪهڻي جهنگلي جيوت، آبي جيوت ۽ بين معاملن جو بہ جائزو ورتو ويو آهي تہ وري ان بابت خود اتان جي رهواسين کان راءِ ۽ مشورا بہ ورتا ويا آهن جن جي روشني ۾ قدم کنيا ويندا.

امڪاني ٻيهر آبادڪاري بابت ٽيل بحث بابت ڪجهہ خيال هن ريت آهن.

1. جيڪڏهن ڪنهن کي لڏائڻو پيو تہ انهن کي ٻيهر آبادڪاري لاءِ قدم کنيا ويندا.
2. ڪوشش ڪئي ويندي تہ ڪنهن کي بہ پنهنجي جاءِ تان بي دخل نہ ڪيو وڃي، نقصانن کي هر ممڪن حد تائين گهٽايو ويندو.
3. متاثر ٿيندڙ ماڻهن جي بحالي جو ڪم تڪڙن بنيادن تي ڪيو ويندو ۽ انهن کي ٻيهر آباد ٿيڻ تائين معاوضو ڏنو ويندو.
4. پراجيڪٽ جي حدن ايندڙ ماڻهن کي ان جي ڊزائين ڪم ڪار توڙي ٻين ڳالهين ۾ ساڻ کنيو ويندو.
5. وسپ پراجيڪٽ ۾ ٻارن عورتن ۽ ٻين کي امڪاني طور پوندڙ ڪنهن بہ نقصان کي يقيني حد تائين ختم ڪيو ويندو.

مختلف حدن تائين متاثر ٿيندڙ ماڻهن جي سهائتا لاءِ مختلف قدم کنيا ويندا ان لاءِ تفصيل هيٺ ايندڙ ٽيبل نمبر 8.2 ۾ ڏنا ويا آهن.

**ٽيبل نمبر 8.1**

**واٽر سيڪٽر امپرووومينٽ پراجيڪٽ (وسپ)**

**سماجي اثرن، رڪاوٽن، تدبيرن ۽ سڌارتي قدمن ۽ ذميوار ادارن جو تت**

| سرگرميون | اثر | اهم رڪاوٽون | گهربل سڌارتي قدم ۽ تدبيرون | ذميواريون | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | عمل ڪرائيندڙ | سار سنڀال | جاچ پڙتال |
| 1. تربيت ۽ تنظيمون + ڪميونٽي آرگنائيزيشن | 1. آبادگار تنظيم ۽ واٽر ڪورس سطح تي آبادگارن جي وڌ کان وڌ شرڪت | 1. پڇڙي جي آبادگارن جي شرڪت وڌيڪ ۽ يقيني بنائڻ گهرجي | 1. گهٽ زمين رکندڙن ۽ پڇڙي وارن آبادگارن جي نمائندگيءَ جو تعداد ايريا واٽر بورڊ ۽ سيڊا ۾ پنهنجي حصي موجب هجڻ گهرجي. | پراجيڪٽ امپليمينٽيشن ڪنسلٽنٽ، سيڊا | سيڊا پي سي ايم يو سنڌ پراجيڪٽ اسٽيرنگ ڪاميٽي | ايم اينڊ اي ڪنسلٽنٽس پي سي ايم يو |
| | 2. آبادگارن جي ايريا واٽر بورڊ ۽ سيڊا تائين صحيح نمائندگي | 2. گهٽ زمين رکندڙ ۽ پوڇڙ جي آبارگارن کي ان وقت تائين منصفاڻي بنياد تي پاڻي نہ ملي سگهندو، جيستائين وڏن زميندارن ۽ آبپاشي ڪامورن جي اثر رسوخ کي نہ گهٽايو ويندو. | 2. واٽر مينيجمينٽ آرڊيننس ۾ گهٽ زمين رکندڙ ۽ پوڇڙ جي آبادگارن جي هن ريت وضاحت ڪئي وئي آهي.<br><br>1. **گهٽ زمين رکندڙ آبادگار:** اهي آبادگار جن وٽ 16 ايڪڙ زمين يا ان کان گهٽ هجي پر ان جي ڪا بہ زرعي زمين ٻئي هنڌ نہ هجي.<br>2. **پوڇڙ وارا آبادگار:** ڊسٽريبيوٽري ۽ مائينر مان پڇڙي تي نڪرندڙ واٽر ڪورس تي زمينون آباد ڪندڙ | آبادگار تنظيم ۽ واٽر ايلوڪيشن ايسوسيئيشن | سيڊا پي سي ايم يو | ايم اينڊ اي ڪنسلٽنٽس پي سي ايم يو |
| | 3. زمين نہ رکندڙ ۽ عورتون بہ واٽر ڪورس ايسوسيئيشنن ۽ آبادگار تنظيمن ۾ شراڪت اختيار ڪري سگهن ٿيون | 4. زمين نہ رکندڙ ۽ عورتن جي صحيح نمائندگي نہ هجڻ جي ڪري اڻبرابري ٿئي ٿي، پراجيڪٽ ۾ شامل نہ ٿيندڙ ان مان فائدو حاصل ڪري نہ سگهندا | 4. هارين ۽ عورتن کي ڪنهن حد تائين واٽر ڪورس ايسوسيئيشنن ۽ آبادگار تنظيمن ۾ نمائندگي ڏيڻ گهرجي | واٽر ڪورس ايسوسيئيشن ۽ آبادگار تنظيم | ايريا واٽر بورڊ سيڊا | ايم اينڊ اي ڪنسلٽنٽس پي سي ايم يو<br><br>پي ايس سي |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | ۽ ان مان لاڀ بہ حاصل ڪري گھن ٿا | | | | | |
| 2. هيٺين سطح جي جوڙجڪ ۽ گهربل نظام | 1. آبادگارن ڪي مقامي حڪومت جي مقصدن جي جوڙجڪ تحت اختيار ڏنا وڃن. | 1. جيڪڏهن هيٺين سطح تائين جوڙيل منصوبو سيني هنڌن تي عمل جوڳو نہ ٿو ٿئي تہ پوري آبپاشي نظام جي سڌارن وارو خواب بہ پورو نہ ٿو ٿي سگهي. | 1. پاڻي جو استعمال بهتر بنائڻ لاءِ منصوبي جا حصا، يعني ڪميونٽي بيسڊ اسڪول مينيجمينٽ ڪاميٽيز، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ ۽ زرعي توسيعي پروگرام جي ذريعي هيٺين سطح تائين وڏ ۾ وڏ فائدو حاصل ڪري سگهجي. | تعليم کاتو، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ، زرعي کاتو | مقامي حڪومت | آبادگار تنظيم |
| 3. برانچ ڪئنال جي نظام ۾ سڌارا | 1. برانچ ڪئنالن ۾ پاڻي جي زيان ٿيڻ کي گهٽائڻ ۽ پاڻي جي استعمال واري صلاحيت ۾ سڌارو | 1. اڻ برابري واري ميمبرشپ ۽ آبادگارن کي آبپاشي نظام ۾ شراڪت لاءِ همٿائڻ بدران پري ڪرڻ سان آبپاشي سڌارن تي خراب اثر پوندا. | 1. واٽر ڪورس ايسوسيئيشن ڪاميٽي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آبادگارن کي اڪسائڻ واسطي ان ۾ آبادگارن جو گهٽ ۾ گهٽ 51 سيڪڙو هجڻ گهرجي. | ايجوڪيشن ، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ ايگريڪلچر ڊپارٽمينٽ | آباد گار تنظيم | لوڪل گورنمينٽ ، پي سي ايم يو ايم ايڊ اي ڪنسلٽنٽ |
| 4. پراجيڪٽ مينيجمينٽ سپورٽ ڪمپوننٽ | 1. سڏ سماءِ جو نظام ۽ سڪيا آبپاشي نظام جي سڌارن کي شفاف بنائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا. | 1. سڏ سماءِ جي ذريعي آبپاشي نظام ۾ ڪافي تبديليون آڻي سگهجن ٿيون ڇاڪاڻ جو ان ذريعي نظام ۾ موجود خرابين جي چنڊ ڇاڻ ڪري سگهجي ٿي ۽ عام ۾ ماڻهن پاران احتساب بہ ٿي سگهي ٿو. | هن سرگرمين کي قانوني حيثيت ڏني وڃي ۽ ويب سائيٽ وسيلي عام ماڻهن جي پهچ کي ممڪن بڻايو وڃي. | پراجيڪٽ ڊائريڪٽوريٽ وسپ فيزون | سيڊا | مقامي حڪومت |

**ٽيبل نمبر 8.2**

**انٽائيٽلمينٽ ميٽرڪس** (Entitlement Matrix)

| نمبر شمار | نقصان جو قسم | ڪنيل قدم | ماڻهن جي شناخت | پاليسي |
|---|---|---|---|---|
| 1 | 2 | 3 | 4 | 5 |
| 1 | **زرعي زمين جو نقصان** | **پراجيڪٽ دوران زرعي زمينن جو ڪجهه نقصان ضرور ٿيندو، جيڪڏهن اهو 0.5 ايڪڙ هوندو، ان سان تي سگهي ٿو ته ڪنهنجي ڪمائي تي به اثر پوي.** | الف. زمين جو اصل مالڪ | زمين جي ڪاڏ جي صورت ۾ مالڪ کي معاوضو رقم جي صورت ۾ ڏنو ويندو. |
| | | | ب. ان زمين تي هارپو يا مزدوري ڪندڙ | هاري کي به روزگار ملڻ تائين معاوضو ڏنو ويندو |
| | | | ج. حد دخلي ڪندڙ | حد دخلي ڪندڙ کي ڪنهن به قسم جو معاوضو نه ڏنو ويندو. |
| | | **جيڪڏهن پراجيڪٽ ايريا اندر ڪنهن جي مڪمل زمين ڪاٽجي وڃي يا وري سندن صرف 0.5 ايڪڙ وڃي بچي. (يعني سندس گهر جي سڄي ڪمائي ئي هلي وڃي)** | الف. زمين جو اصل مالڪ | • زمين جي اصل مالڪ کي سندس ئي پسند جي هنڌ تي اوتري ئي زمين ڏياري ويندي.<br>• جيڪڏهن زمين جي مالڪ روڪ رقم جي گهر ڪئي ته کيس روڪ رقم ڏني ويندي.<br>• نئين زمين يا روڪ رقم جي ملڻ تائين زمين جي مالڪ کي ٽرانزيشن الائونس (3 مهينن تائين) ڏنو ويندو. |
| | | | ب. ان زمين تي هارپو يا مزدوري ڪندڙ | • هاري يا مزدور جي به نقصان جي صورت ۾ ان وقت جي هارپي جي اندازي موجب مالي مدد ڪئي ويندي.<br>• هاري کي به ٽن مهينن تائين الائونس ڏنو ويندو ته جيئن هو ان دوران پنهنجي لاءِ روزگار ڳولي سگهي. |
| | | | ج. حد دخلي ڪندڙ | • حد دخلي ڪري ويٺل ماڻهو کي اتان هٽائڻ جي صورت ۾ کيس زندگي گذارڻ لاءِ ڪجهه مالي مدد ڪئي ويندي.<br>• کيس ٻي هنڌ آباد ڪرائڻ ۾ سندس مدد ڪئي ويندي، کيس هلڪو گهر به اڏي ڏبو.<br>• ان کي ٻي ڪنهن قسم جو معاوضو نه ڏنو ويندو. |
| 2 | **رهائشي** | **جيڪڏهن ڪنهن جي رهائشي** | الف. زمين جو اصل مالڪ | • زمين جي اصل مالڪ کي سندس ئي پسند جي هنڌ تي اوتري ئي زمين ڏياري ويندي جيترو |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | **ڪمرشل، انڊسٽريل ۽ ادارتي زمين جو نقصان** | **ڪمرشل، انڊسٽريل ۽ ادارتي زمين ٿورو نقصان پوي** | | ڪيس نقصان ٿيو هوندو. |
| | | | ب. ان زمين تي مزدوري ڪندڙ | اتي ڪم ڪندڙ مزدورن جي بہ مالي سهائتا ڪئي ويندي. |
| | | | ج. حد دخلي ڪندڙ | اتي ٿيندڙ آمدني جي حساب سان ڪيس ٻن مهينن جو خرچ ڏنو ويندو عمارت، انفرا اسٽرڪچر ڪي جيڪڏھن ڪو بہ نقصان ٿيو تہ اھو بہ پري ڏبو. حد دخلي ٿيل زمين جي بدلي ۾ ٻي زمين نہ ڏني ويندي. |
| | | **جيڪڏھن ڪنھن جي رھائشي، ڪمرشل، انڊسٽريل ۽ ادارتي زمين تمام گھڻو نقصان پوي** | الف. زمين جو اصل مالڪ | • زمين جي اصل مالڪ ڪي سندس ئي پسند جي ھنڌ تي اوتري ٻي زمين ڏياري ويندي<br>• جيترو ڪيس نقصان ٿيو ھوندو اھو بہ پري ڏبو. |
| | | | ب. ان زمين تي مزدوري ڪندڙ | • مالي سهائتا ڪئي ويندي.<br>• نئين روزگار ڏيارڻ لاءِ يقيني مدد ڪئي ويندي. |
| | | | ج. حد دخلي ڪندڙ | • جيترو ڪيس نقصان ٿيو ھوندو اھو بہ پري ڏبو.<br>• زمين جو جي بدلي ڪيس ڪا ٻي زمين نہ ڏياري ويندي. |
| 3 | **ڪنھن بہ رھائشي، انڊسٽريل يا ادارتي عمارت يا اسٽرڪچر ڪي پيل نقصان** | **رھائشي، انڊسٽريل يا ادارتي عمارت يا اسٽرڪچر ڪي پيل ٿورو نقصان، جنھن بعد بہ اھو موجود ۽ رھائش يا ڪم جوڳو ھجي** | الف. جڳھہ يا عمارت جو اصل مالڪ | • جيترو ڪيس نقصان ٿيو ھوندو اھو بہ پري ڏبو.<br>• جنھن بہ ھنڌ يا حصي ڪي نقصان ٿيندو ان جي ٻيھر مرمت ڪرائي ڏبي. |
| | | | ب. عمارت يا ڪارخاني جو مالڪ پر زمين سندس ملڪيت نہ ھجي | • جيترو ڪيس نقصان ٿيو ھوندو اھو بہ پري ڏبو.<br>• جنھن بہ ھنڌ يا حصي ڪي نقصان ٿيندو ان جي ٻيھر مرمت ڪرائي ڏبي. |
| | | **رھائشي، انڊسٽريل يا ادارتي عمارت يا اسٽرڪچر ڪي پيل تمام گھڻو نقصان، جنھن بعد اھو ڪم جو نہ رھيو ھجي.** | الف. جڳھہ يا عمارت جو اصل مالڪ | • جنھن بہ قسم جي عمارت تباھہ ٿي ھوندي تہ مالڪ ڪي ان ئي قسم جي عمارت سندس پسند واري ھنڌ تي ٺاھي ڏبي.<br>• جيترو ڪيس نقصان ٿيو ھوندو اھو بہ پري ڏبو.<br>• ھڪ جاءِ تان ٻي جاءِ تي منتقلي جو سڄو خرچ بہ برداشت ڪيو ويندو. |
| | | | ب. ان زمين تي مزدوري ڪندڙ | • نئين ڪارخاني، اداري يا ڪنھن عمارت جي اڏجڻ (3 مھينن) تائين خرچ پڪو ڏنو ويندو.<br>• ھڪ ھنڌ ڪان ٻي ھنڌ تائين لڏپلاڻ جو خرچ بہ ڏنو ويندو. |
| | | | ج. عمارت يا ڪارخاني جو مالڪ پر زمين سندس ملڪيت نہ ھجي | • جيترو ڪيس نقصان ٿيو ھوندو اھو بہ پري ڏبو.<br>• ھڪ ھنڌ ڪان ٻي ھنڌ تائين منتقلي جو خرچ بہ ڏنو ويندو. |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 4 | **واپار، روزگار، ڌنڌي يا ڪاروبار کي ٿيل نقصان** | **زرعي، انڊسٽريل، ڪمرشل يا ادارتي ملازمن تي اثر** | اڪيلي سر ، ڪو بہ فرد | • ڪيس اهڙوئي ٻيو ڪاروبار شروع ڪرن لاءِ خرچ ڏنو ويندو. <br> • 3 مهينن تائين سندس ماهوار ڪمائي جيترو الائونس ڏنو ويندو. <br> • جيتو وقت ڪاروبار بند رهيو اوتري وقت تائين ڪيس خرچ پڪو ڏنو ويندو. |
| 5 | **عام سهولتون ۽ وسيلن جو نقصان** | **شهري ۽ ٻهراڙين ۾ موجود عام سهولتن تائين رسائي ۾ ڏکيائي** | ڪميونٽي ۽ شهري | • گڏيل ملڪيل يا سهولت کي اهڙي هنڌ آڻبو جتي سيني جي پهچ آسان هجي. <br> • سيني ماڻهن جي ان هنڌ تائين پهچ کي بہ آسان بڻائبو. |
| 6 | **بيٺل فصل کي نقصان** | **ان فصل کي پهتل نقصان جيڪو پڪل تہ هجي پر ان جي اجا ڪٽائي يا لاب نہ ٿيو هجي.** | فصل جو اصل مالڪ | • فصل جو جيترو نقصان ٿيو هوندو اهو سپ پري ڏبو. |
| 7 | **قيمتي وڻن يا باغن کي پهتل نقصان** | **باغن ۽ قيمتي وڻن کي پهتل نقصان** | اصل مالڪ | • جيترو نقصان ٿيندو اوترو ادا ڪيو ويندو. |
| 8 | **ننڍن وڻن يا ٻوٽن کي ٿيندڙ نقصان** | **ٻوٽن يا ننڍن وڻن کي نقصان** | اصل مالڪ | • جيترو نقصان ٿيندو اوترو ادا ڪيو ويندو. |
| 9 | **هوسٽ ڪميونٽي کي پهندڙ نقصان** | **ڪنهن بہ ڪميونٽي کي جيڪڏهن وڏيڪ نقصان پوي** | لاڳاپيل ڪميونٽي | • انهن کي جيترو بہ نقصان ٿيندو اهي ڪين ادا ڪيو ويندو. |
| 10 | **وقتي طور ٿيندڙ نقصان** | **ڪنهن بہ عمارت يا بيٺل عمارت کي پيل نقصان** | لاڳاپيل عمارت جو مالڪ | ضرورت پوڻ تي اها عمارت ڍاهي مرمتي ڪم بعد ان جي ٻيهر تعمير ڪئي ويندي. |
| | | **گهٽ متاثر ٿيل عمارت** | مالڪ يا وقتي طور اتان لڏايل ماڻهو | وقتي طور ٻي هنڌ منتقل ڪرڻ ۽ ٻيهر اتي بحالي جو خرچ پريو ويندو. |
| | | **فصلن ۽ وڻن کي پهتل نقصان** | مالڪ | ٿيل نقصان جو هرجاڻو ادا ڪيو ويندو. |
| | | **وقتي طور ڪيل قبضو** | جڳهہ جو اصل مالڪ | سامان، گاڏيون يا ٻئي سامان رکڻ يا بيهارڻ لاءِ جيڪڏهن ڪنهن جاءِ کي والاريو ويو تہ اها ان کي حالت ۾ ڪيس واپس ڪئي ويندي، ڪيس ماهوار مسواڙ ڏني ويندي. |

# باب نائون

## 9. نتيجا، مشورا ۽ فريم ورڪ لاڳو ڪرڻ

### 9.1 نتيجا

1. پاڻي زندگي آهي ۽ سنڌ جي سڄي زراعت، معاشيات ۽ اقصاديات جو دارومدار سنڌ درياءَ تي آهي ان ڪانسواءِ هتي زندگي ممڪن نہ آهي. وسپ پراجيڪٽ هيٺ سنڌ جي اريگيشن اينڊ ڊرينيج نظام جي بحالي جو ڪم تمام اهميت وارو آهي. اهو سڄو ڪم ادارتي سڌارن هيٺ آيل ايريا واٽر بورڊن ۽ آبادگار تنظيمن جي سهڪار سان ڪيو ويندو. جڏهن تہ ان جي خاص طور نگراني پڻ ڪئي ويندي.
2. ڪم دوران آبادگارن کي ساڻ ڪنيو ويندو ۽ هر ڪم جي ڪڙي نگراني ڪئي ويندي.
3. آبادگار تنظيمن ۽ ايريا واٽر بورڊ ۽ سيڊا کي مضبوط بڻايو ويندو.
4. عورتن ۽ هارين جي شموليت کي همٿايو ويندو.
5. شهرن کي پيئڻ جو صاف پاڻي مهيا ڪيو ويندو. خاص طور ميرپور خاص لاءِ پيئڻ جي صاف پاڻي جو بندوبست ڪيو ويندو.

### 9.7 صلاحون ۽ مشورا

1. ماحولياتي معاملن جي جاچ لاءِ اسٽڊيون ڪرايون وينديون .
2. ڍنڍن جي بچاءَ لاءِ خاص طور قدم کنيا ويندا، انهن کي آلودو ٿيڻ کان محفوظ رکيو ويندو.
3. سيڊا ، ايريا واٽر بورڊ ۽ آبادگار تنظيمن کي مضبوط بڻايو ويندو.
4. سوشل موبلائيزيشن وسيلي ماڻهن ۾ جاڳرتا آندي ويندي.
5. خراب پاڻي جي ڪري صحت جا مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن. آبادين کي صاف پاڻي جي رسد کي يقيني بڻائبو.
6. سيڊا جي انوائرونمينٽل مئنيجمينٽ يونٽ ۽ سوشل ڊولپمينٽ سيل جي واڌاري لاءِ خاص قدم کنيا ويندا.
7. وسپ جي ايريا جيڪا بدين ۾ اچي ٿي اتي ايل بي او ڊي ڪري ٿيل ماحولياتي مسئلن جي حل لاءِ بہ قدم کنيا ويندا.
8. پراجيڪٽ جي هر حصي تي اسٽيڪ هولڊرن کي ساڻ کنيو ويندو.

### 9.8 عمل درآمد لاءِ تياريون

پراجيڪٽ جي ڊزائين سان گڏوگڏ ئي ماحوليات بابت اسٽڊيز کي بنيادي حصي طور شامل ڪيو ويندو. سب پراجيڪٽ جي ڪمن جي تفصيلي رپورٽ بہ ان دوران ئي ٺاهي وينديون. گوٽڪي، نارا ۽ ليفٽ بينڪ ڪئنالز ايريا واٽر بورڊن ۾ جيڪا بہ مڪ ڪنسٽرڪشن ڪئي ويندي يا اتي جيڪڏهن ڪا خاص تبديلي ايندي تہ ان جي لاءِ الڳ سان رپورٽ جوڙي ويندي. ٽيڪنيڪي بنيادن تي بہ هر ڊسٽريبيوٽري يا مائينر جي ٻيهر ريهيبليٽيشن دوران ان سان پوندڙ ماحولياتي اثرن کي نظر ۾ رکيو ويندو.

### 9.9 انوائرونمينٽل اسيسمينٽ، انوائرونمينٽل مئنيجيمنٽ پلان جو خرچ

انوائرونمينٽل اسيسمينٽ، انوائرونمينٽل مئنيجمينٽ پلان جي امپليمينٽيشن جو سڄو خرچ پراجيڪٽ ۾ شامل آهي. (ڪمپوننٽ اي ۾ اي ايم يو ۽ سوشل ڊولپمينٽ سيل ۽ ڪمپونٽ بي ۾ سول ورڪس شامل آهن.) جڏهن تہ ڪجھ اسٽڊيز لاءِ پراجيڪٽ جي ڪمپونٽ اِي مان رقم ڏني ويندي.

### 9.10 ادارتي سيٽ اپ ۽ مانيٽرنگ جو بندوبست

پراجيڪٽ تي عمل درآمد ڪرائيندڙ ايجنسي سيڊا ئي هوندي. ان جي انوائرونيمنٽل مئنيجيمنٽ يونٽ کي وڌيڪ مضبوط ڪيو ويندو ان ۾ ڪجھ اضافي پوسٽون بہ شامل ڪيون وينديون. ( جن ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر اي ايم يو، انوائرونمينٽل اسپيشلسٽ، اڪالاجسٽ، هائڊرولاجسٽ، سوشيالاجسٽ يا پارٽيسيپيشن اسپيشلسٽ ۽ انوائرونمينٽل انسپيڪٽر شامل هوندا). جڏهن تہ سيڊا جي سوشل ڊولپمينٽ سيل ۾ 20 اضافي پوسٽون قائم ڪيون وينديون (جن ۾ سوشل موبلائيزيشن ۽ ايف اوز سپورٽ) جا پروگرام شامل هوندا. اي ايم يو ۽ سوشل ڊولپمينٽ سيل گڏجي ڪم ڪندا ۽ پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ۾ قائم پراجيڪٽ ڪو آرڊينيشن اينڊ مئنيجمينٽ يونٽ سان رابطي ۾ رهندا. پراجيڪٽ لاءِ ايم اينڊ اي ڪنسلٽنٽ ڪم ڪندا. پي سي ايم يو کي ننڍو پنجن ماڻهن تي ٻڌل اسٽاف هوندو جيڪي سڄي پراجيڪٽ ۽ ڪنسلٽنٽن تي نظر رکندا.

## فريم ورڪ جو عمل ۾ اچڻ

| تجويز ڪيل سرگرميون | فائدو حاصل ڪندڙ | فائدا | ڏنل تجويزون | تدبيرون |
|---|---|---|---|---|
| 1. وسپ ڪي اليڪٽرانڪ ميڊيا ذريعي وڏ ۾ وڏ متعارف ڪرائڻ | آبادگار | وڌيڪ ڄاڻ ۽ خودمختياري | شروعاتي طور تي آبپاشي اختيارين ۽ آبادگارن جي وچ ۾ ڪجھ تضاد پيدا ٿيڻ | جاچ ۽ تحقيق ذريعي اثرائتا تدبيري قدم معلوم ڪري سگھجن ٿا |
| 2. مقامي ريڊيو چينل ذريعي واهن ۽ شاخن جي وارابندي بابت پابندي سان پروگرام نشر ڪرائڻ | آبادگار | • يقيني اطلاع<br>• آبپاشي اختيارين جو وارابندي ۽ ورهاست ۾ صحيح طور احتساب ڪري سگھبو.<br>• ممڪن زرعي ترقي | آبپاشي اختياريون ۽ وڏا زميندار هن سسٽم ڪي عمل ۾ آڻڻ ڪي پسند نہ ٿا ڪن. ڇاڪاڻ جو سڌارن سان انهن جي گڏيل مفادن کي ڇيهو رسندو. | ٽين ڌر ڪي قانوني طور تي سيڊا ۽ آبپاشي کاتي جي پاڻي جي رهاست واري شيڊول جي جاچ لاءِ مقرر ڪيو وڃي. |
| 3. واهن ۽ شاخن ڪي وسپ پروگرام ذريعي پڪو ۽ سنوت ۾ ڪرائڻ ان سان پاڻي جي رسد ۾ واڌ ايندي. | آبادگار ۽ ٻيون ڌريون | • وڏ ۾ وڏ اپت ۽ آمدني<br>• سر ۽ ڪلر ۾ گھٽتائي | پاڻي ڪي غير قانوني طور وڪرو ڪندڙ ماڻهو ان نظام جي مخالفت ڪن ٿا | |
| 4. پاڻي جي رسد جديد ٽيڪنالاجي واليوميٽرڪ سسٽم ذريعي ٿيڻ گھرجي. | • آبادگار<br>• سيڊا | • آبادگارن ۾ پاڻي جي وڏ ۾ وڏ برابري واري تقسيم<br>• آبادگار تنظيمن ۽ ايريا واٽر بورڊ جي آمدني وڌندي تہ اها نظام جي بهتري لاءِ مددگار ثابت ثابت ٿيندي.<br>• پاڻي جي چوري ۾ گھٽتائي ٿيندي. | ٽيڪنالاجي تي ايندڙ وڌيڪ خرچ رڪاوٽ بڻجي سگھن ٿا | • هن سسٽم ڪي هلائڻ لاءِ مناسب سکيا ڏني وڃي.<br>• ريسرچ ذريعي انهن مداخلتن ۽ رڪاوٽن ڪي ختم ڪرڻ گھرجي |
| 5. آبپاشي نظام ڪي انهن سڌارن ذريعي سيڊا ۾ ضم ڪرڻ گھرجي. | آبادگار | سيڊا ۽ آبپاشي کاتي جا هڪ نظام تي هلندڙ ڪم | آبپاشي کاتو ٽيڪنيڪل بنياد تي متان ڪجھ رڪاوٽ پيدا ڪري | سيني ڌرين جو سياسي طور تي راضپو سيڊا جي پروگرام ڪي وڌيڪ مضبوط ڪندو |
| 6. زيرزمين ۽ آبپاشي جي پاڻي جو گڏيل طور استعمال ڪجي. | آبادگار | • وقتائتي طور تي پاڻي جي صحيح مقدار جي رسد<br>• وڏ ۾ وڏ پيداواري اپت | • وسپ ۾ فقط ايريا واٽر بورڊ گھوٽڪي ۾ زيرزمين پاڻي کارو ناهي ان ڪري اتان جي گھٽ زمين رکندڙ هارين تي گھٽ اثر پوندا.<br>• زيرزمين وڌيڪ پاڻي جي استعمال ڪرڻ سان جر خراب ٿي سگھي ٿو. | جر جي پاڻي جو گھٽ استعمال ڪرڻ گھرجي جيئن ان کي خراب ٿيڻ کان بچائجي. |